★★

ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني آس حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال15) آچر 30 جنوري 2022ع بمطابق 26 جماداالثاني 1443ھ شمارو 30 (قيمت 10 روپيا)

سرينا عيسيٰ کي اهم معاملي تي پڌڻي جو پورو حق نہ ڏنو ويو: سپريم ڪورٽ

سپريم ڪورٽ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪيس جو تحريري فيصلو جاري ڪري ڇڏيو، رڳو جج جي گهرواري هجڻ جي سرينا عيسيٰ کي آئيني حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي: فيصلو

هن عدالت جي جج سميت ڪو بہ قانون کان مٿاهون ناهي، جڏهن تہ ڪو بہ شخص، پلي اهو هن عدالت جو جج ڇو نہ هجي، ان کي قانوني حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي

هر شهري پنهنجي زندگي، آزادي، ساک، ملڪيت بابت قانون موجب ورتاءُ جو حق رکي ٿو، آئين جا آرٽيڪل 9 کان 28 تائين هر شهري جي بنيادي حقن جو تحفظ ڪن ٿا

ڪنهن بہ عهدي يا پوزيشن جو هر پاڪستان قانون موجب ورتاءُ جو حقدار آهي، فيصلي موجب ڪيس ايف بي آر کي موڪلڻ تي سرينا عيسيٰ جو موقف نہ ٻڌو ويو

سرينا عيسيٰ کي اهم ترين معاملي جو پورو حق نہ ڏنو ويو، آئين تحت شفاف ٽرائل هر خاص ۽ عام جو بنيادي حق آهي، سرينا عيسيٰ کي آئيني حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي

سپريم جڊيشل ڪائونسل جي اختيارن جو دائرو رڳو ججن تائين محدود آهي، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ ان جي گهرڀاتين جو ٽيڪس رڪارڊ غير قانوني طريقي سان گڏ ڪيو ويو

اسلام آباد (ر ڊ) سپريم ڪورٽ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪيس جو تحريري فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ سرينا عيسيٰ کي ان اهم ترين معاملي تي پڌڻي جو پورو حق نہ ڏنو ويو، رڳو جج جي گهرواري هجڻ جي سرينا عيسيٰ کي آئيني حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي، سپريم ڪورٽ 9 مهينن ڪانپوءِ جسٽس 9 مهينن ڪانپوءِ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ نظرثاني ڪيس جو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊوالهيار ۾ وڏو وزير سنڌ سيد مراد علي شاهہ ٽنڊوالهيار جو دورو ڪيو

اولهہ دنيا ايغور بابت چين تي تنقيد ڪئي پر والاريل ڪشمير تي چُپ رهي: وزيراعظم

چين ضرورت جي وقت سدائين پاڪستان سان گڏ بيلو آهي، سي پيڪ بہ پاڪستان ۽ چين کي ويجهو ڪيو، سي پيڪ جي ٻئي مرحلي ۾ زراعت ۽ صنعت تي ڌيان ڏنو ويندو

بدقسمتي سان ماضي ۾ ملڪ جي معيشت تي ڌيان نہ ڏنو ويو پر اسان معيشت تي خاص ڌيان ڏئي رهيا آهيون، چين سان لاڳاپا وقت گذرڻ سان گڏ وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن

بدقسمتي سان ماضي ۾ ملڪ جي معيشت تي ڌيان نہ ڏنو ويو پر اسان معيشت تي خاص ڌيان ڏئي رهيا آهيون، ڀارت ڪشمير ۾ انساني حقن جي شديد ڀڃڪڙي ڪئي

ڪشمير ۾ 90 لک ماڻهو بدترين حالتن ۾ کليل جيل ۾ رهن ٿيا، اولهہ ۾ ڪشمير جي حوالي سان هڪ خاص خاموشي آهي، هڪ طرح سان والاريل ڪشمير تي ڇانئي واري خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي

40 سالن بعد افغانستان ۾ امن جو موقعو مليو، هاڻي عالمي برادري کي بہ افغانستان جي صورتحال کي سمجهڻ گهرجي: چيني ميڊيا کي خاص انٽرويو

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم عمران خان چيو آهي تہ اولهہ دنيا ايغور جي معاملي تي چين تي تنقيد ڪئي، جيڪو زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي پر والاريل ڪشمير بابت اولهہ ۾ وڌيڪ نٿو ڳالهايو وڃي ۽ ان معاملي تي ڇانئي واري خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي، چيني ميڊيا کي ڏنل خاص انٽرويو ۾ وزير اعظم عمران خان چيو تہ وفد سان گڏ ايندڙ هفتي چين جي دوري جو منتظر آهيان، چين سان اسان جا 70 سال پراڻا دوستي وارا لاڳاپا آهن جيڪي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ مردم شماري کي چئلينج ڪيو پر جوائنٽ سيشن نہ گهرايو ويو: وڏو وزير

اير ڪيو ايم سان طئي ٿيو هو تہ اهي کهڙي روٽ سان ريلي ڪيندا سين، رات جو مان انتظاميا کي چيو هو تہ سڀني کي ڇڏي ڏيو

لوڪل گورنمينٽ جي قانون ۾ ترميمون ڪرڻيون آهن، سڀني سياسي جماعتن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي

گورنر قانون ۾ ترميمون ڪري اسان کي واپس ڪيون هيون، مان اير ڪيو ايم کي چيو هو تہ ڳالهين لاءِ تيار آهيون

ٽنڊوالهيار (ر ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم سان طئي هو تہ اهي کهڙي روٽ سان ريلي ڪڍندا سين، رات جو مان انتظاميا کي چيو هو تہ سڀني کي ڇڏي ڏيو ٽنڊو الهيار ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مراد علي شاهہ چيو تہ لوڪل گورنمينٽ جي قانون ۾ ترميمون ڪرڻيون آهن، سڀني سياسي جماعتن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، هن چيو تہ اسان پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ مردم /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 21

اهلڪارن تي حملا قبول نہ آهن، سڀني عقيدن جي عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن جو گڏيل بيان

ڪراچي (رپورٽ) سڀني عقيدن جي عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن گڏيل طور تي سيڪيورٽي اهلڪارن تي حملن کي ناقابل قبول قرار ڏنو آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 22

پرويز مشرف خلاف ڪرپشن انڪوائري نہ ڪرڻ تي نيب چيئرمين خلاف توهين عدالت درخواست

اسلام آباد (ر ڊ) اڳوڻي صدر جنرل پرويز مشرف خلاف ڪرپشن انڪوائري نہ ڪرڻ تي نيب چيئرمين خلاف توهين عدالت جي درخواست اسلام آباد /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 23

پنڊاڙ محفوظ پيلو قرار: سنڌ ڪابينا جو اربع تي اجلاس طلب

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي 20هين گريڊ جي پوسٽن کي فلوٽنگ ڪرڻ جي منظوري ڏيڻ ويندي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اربع 2 فيبروري تي سنڌ ڪابينا جو اجلاس گهرائي ورتو جنهن ۾ صحت کاتي لاءِ ڳاڏين جي خريداري، ڊي ايچ اوز ڪانين، وڏين اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي 20هين گريڊ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 20

جڏهن بہ حق جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اسان کي چون ٿا اوهان جو سياست ۾ ڪهڙو ڪم: مولانا فضل الرحمان

عمران خان ڪڏهن چوي ٿو تہ پاڪستان ۾ چين جهڙو نظام آڻيندا سين ڪڏهن چوي ٿو تہ ايران جهڙو انقلاب هجڻ گهرجي

ڪڏهن مديني جي رياست جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي، هتن جون شڪلون ڏسو ۽ مديني جي رياست جون ڳالهيون ڏسو

هي چوي ٿو تہ مان نڪتس تہ خطرناڪ بڻجي ويندس، خان صاحب! اسان اوهان کي پهريان بہ ڪجهہ ناهي سمجهيو هاڻ بہ ڪجهہ نٿا سمجهون

لسبيلا (ر ڊ) حڪومت مخالف اتحاد پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان وزيراعظم عمران خان مٿان تنقيد ڪندي چيو آهي تہ خان صاحب! اسان اوهان کي خطرو نٿا سمجهون. اسان جڏهن بہ حق جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اسان کي چيو وڃي ٿو تہ اوهان جو سياست ۾ ڪهڙو ڪم. لسبيلا ۾ ڪنوينشن کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو تہ اسان جڏهن حقن جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 19

طالبان جي واپسي کان پوءِ ڪيترائي اڳوڻا سرڪاري ملازم ماريا ويا: گڏيل قومون

هڪ سئو کان وڌيڪ اڳوڻن سرڪاري اهلڪارن جو عدالت کان مٿاهون قتل ڪيو ويو

مارجي ويلن جو شڪ طالبان سان گڏ عسڪريت پسند تنظيم داعش خراسان جي ويڙهاڪن تي بہ آهي

نيويارڪ (ر ڊ) گڏيل قومن چيو آهي تہ طالبان جي واپسي کان پوءِ ڪيترائي سرڪاري ملازمن مارجي ويا آهن، افغانستان تي گڏيل اگسٽ کان طالبان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

وزيراعظم جي بهترين معاشي پاليسين جا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن: فرخ حبيب

منافعو ڪمائيندڙ ادارا وزيراعظم جي اپيل تي ملازمن کي پگهارون وڌائي ڏئي رهيا آهن

اطلاعات ۽ نشريات واري مملڪتي وزير سرين ايشر لائين جا ٿورا مڃيا

اسلام آباد (ر ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري مملڪتي وزير فرخ حبيب چيو آهي تہ ڪورونا وبا جي اثرن جي باوجود وزيراعظم عمران خان جي بهترين معاشي پاليسين جا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. فرخ حبيب پنهنجي هڪ ٽوئيٽ ۾ چيو تہ اهي وڌيڪ ادارا جن منافعو ڪمايو آهي هاڻي اهي وزيراعظم جي خاص اپيل تي ان جو فائدو پگهارون وڌائي پنهنجي ملازمن کي ڏئي رهيا آهن. اطلاعات ۽ نشريات واري مملڪتي وزير ان ڪاوش تي سرين ايئر لائين جا ٿورا مڃيا.

اسد عمر ۾ جرئت ناهي تہ پنهنجي نڪ جي عوام وٽ وڃي سگهي: پلوشا خان

اسد عمر جي نڪ ۾ برسات ۽ ٻوڏ سبب ماڻهو مرندا رهيا پر هو گهر رهيو، پنهنجي نڪ جي ماڻهن کي منهن ڏئي سگهي

اسد عمر ۽ پ پ جي نہ پنهنجي حڪومت ۽ پارٽي جي ڳڻتي ڪري، ڪلفٽن ڪنڊ جي حوالن ڪندڙن ۾ اسد عمر سڀ کان مٿي آهي

اسلام آباد (ر ڊ) پ پ جي سينيٽر پلوشا خان چيو آهي تہ اسد عمر ۾ جرئت ناهي تہ هو پنهنجي نڪ جي عوام وٽ وڃي سگهي، منصوبابندي بابت وفاقي وزير جي بيان تي ردعمل ڏيندي پلوشا خان چيو تہ پ پ جي تہ پنهنجي حڪومت ۽ پارٽي جي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 26

ڪيترا عمران خان کي اقتدار مان نٿو ڪڍي سگهي، هو 2023 تائين وزيراعظم رهندو: چوڌري سرور

سڀني کي خبر آهي تہ وزيراعظم عمران خان ڪنهن کان بہ بليڪ ميل ٿيڻ وارو ليڊر ناهي، اپوزيشن پارٽيون ورهايل آهن

عام چونڊون وقت کان هڪ ڏينهن بہ اڳ نہ ٿينديون، اپوزيشن روئڻ تي اچڻ بدران چونڊن جو انتظار ڪري

لاهور (ر ڊ) پنجاب جي گورنر چوڌري محمد سرور چيو آهي تہ ڪير بہ عمران خان کي اقتدار مان نٿو ڪڍي سگهي، هو 2023 تائين وزيراعظم رهندو، پنجاب جي گورنر چوڌري محمد سرور پاران ڏکڻ پنجاب جي ڪارڪنن جي اعزاز ۾ ڏنل ماني ۾ سڀني کي خبر آهي تہ وزير اعظم عمران خان ڪنهن کان بہ بليڪ ميل ٿيڻ وارو ليڊر ناهي، اپوزيشن پارٽيون ورهايل آهن. هتي جو مارچ بہ رڳو سياسي مشهوري لاءِ هو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 25

ايم ڪيو ايم جي مائرن ۽ ڀينرن تي تشدد تي بلاول ۽ بختاور چپ رهيا: فيصل سبزواري

اسان کي امن عزيز هو تہ تہ ڪنهن ۾ دم نہ هو جو احتجاج ڪندڙن کي هٿ لائي

توهان جو بل بہ ڪارو آهي ۽ سڙڻ وارو جو منهن بہ ڪارو آهي، اسان پنهنجو آواز اٿاريندا رهنداسين

ڪراچي (رپورٽ) ايم ڪيو ايم جي مرڪزي اڳواڻ فيصل سبزواري چيو آهي تہ ... بلاول ۽ بختاور ... ايم ڪيو ايم جي مائرن ۽ ڀينرن تي تشدد تي اهي چپ رهيا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي ايئرپورٽ تان 12 ڪروڙ کان وڌيڪ مني لانڊرنگ جي ڪوشش ناڪام، ٻہ جوابدار گرفتار

ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس دبئي ويندڙ 2 مسافرن کان 6 لک 16 هزار يورو هٿ ڪري ورتا

مسافرن عبيد صديقي ۽ اقصيٰ صديقي رقم بيگن ۾ لڪائي رکي هئي، عملي ٻنهي مسافرن جي سامان جي تلاشي دوران اها رقم ضبط ڪئي

ڪراچي (رپورٽ) ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس (اي ايس ايف) ڪراچي ايئرپورٽ تان وڏي ڪارروائي ڪندي دبئي ويندڙ 2 مسافرن کان 6 لک 16 هزار يورو هٿ ڪري ورتا. اي ايس ايف جي ترجمان موجب مسافرن عبيد صديقي ۽ اقصيٰ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 28

ڀارت ۾ براڻي دشمني تان عورت سان ميبنا اجتماعي زيادتي

نئين دهلي (ر ڊ) ڀارتي راڄڌاني نئين دهلي ۾ عورت سان ميبنا طور تي اغوا کان پوءِ اجتماعي زيادتي جو ڪيس ... ميڊيا موجب متاثر عورت جي منهن تي ڪارنهن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 30

اڪائونٽس منجمد ڪرڻا آهن تہ ثبوت بہ ڏيڻا پوندا: حريم شاهہ

پاڪستان وڃي هر اداري سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، وڊيو مذاق ۾ ٺاهي وئي هئي

اسان جي ادارن جو ڪم اسان جي حفاظت ڪرڻ آهي تنگ ڪرڻ نہ

لنڊن (ر ڊ) ٽڪ ٽاڪر حريم شاهہ چيو آهي تہ جيڪڏهن منهنجا اڪائونٽس منجمد ڪرڻا آهن تہ ثبوت بہ ڏيڻا پوندا، لنڊن ۾ خانگي ٽي وي چينل سان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 29

ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي مواد سان نوجوان نسل متاثر ٿي رهيو آهي: پشاور هاءِ ڪورٽ

2021 ۾ ٽڪ ٽاڪ تان 2 ڪروڙ 89 لک 35 هزار 34 غير اخلاقي وڊيوز کي هٽايو ويو

غير اخلاقي مواد شيئر ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي پر انهن کي سزا نٿي ملي

ٽڪ ٽاڪ تي گهڻو ڪري اڪائونٽس 15 کان 18 سالن تائين جي عمر وارن ماڻهن جا آهن: عدالت

نيويارڪ: گڏيل قومن ۾ پاڪستاني سفير منير اڪرم ورچوئل اجلاس کي خطاب ڪندي

پشاور (ر ڊ) پي ٽي اي جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ 2021 ۾ ٽڪ ٽاڪ تان 2 ڪروڙ 89 لک 35 هزار 34 غير اخلاقي وڊيوز کي هٽايو ويو ۽ 14 لک /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 35

ڀارت ۾ پوليس ڪيڊٽس جي حجاب ڪرڻ تي پابندي

نئين دهلي (ر ڊ) ڀارت ۾ ٻري هڪ مسلم دشمن فيصلو ڪندي مسلمان پوليس ڪيڊٽس جي حجاب ڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. ڀارتي ميڊيا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 36

لاهور ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 4 گهرڀاتي فوت

هڪ ورهين جي ٻارڙي کي زخمي حالت ۾ ملبي مان ڪڍي ڪيس ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

وڏي وزير عثمان بزدار واقعي جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽ) لاهور جي علائقي مومن پوره ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ٻہ عورتون ۽ ٻہ ٻارڙا فوت ٿي ويا، جڏهن تہ هڪ ٻارڙو سخت زخمي ٿي پيو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: عمارت جي شٽرنگ ڀڄي پئي، ٺيڪيدار فوت، 3 مزدور زخمي

ڊفينس فيز 6 خيابان نشاط ۾ بلڊنگ جي اڏاوتي ڪم دوران غلط رٿابندي سبب واقعو پيش آيو

حادثي جي نتيجي ۾ بلڊنگ جو اڏاوتي ڪم ڪندڙ 12 ماڻهو دٻجي ويا

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڊفينس ۾ اڏاوتي ڪم /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 31

سانگهڙ: صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ ڪيڊيٽ ڪاليج جي تقريب کي خطاب ڪندي

آسٽريليا تي وڏي وقت کان پاڪستان جو دورو قرض آهي: جيف لاسن

هيڊ لائن ٻڌي سنو لڳو تہ مضبوط آسٽريلوي ٽيم پاڪستان جو دورو ڪندي

پي ايس ايل ۽ ٻين سيريز سان پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ واپس اچي چڪي آهي

ڪينبرا (ر ڊ) اڳوڻي آسٽريلي ڪرڪيٽر جيف لاسن چيو آهي تہ آسٽريليا تي وڏي وقت کان پاڪستان جو دورو قرض آهي، پنهنجي بيان ۾ جيف /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 37

ڪابل: سلامتي جي مشير معيد يوسف جو افغانستان ۾ آجيان ڪئي پئي وڃي

آمريڪا وڌيڪ فوجي دستا اوڀر يورپ موڪلي سگهي ٿو: آمريڪي صدر

آمريڪي فوجي دستا اوڀر يورپ نيٽو جي ميمبر ملڪ ۾ مقرر ڪيا ويندا

هلندڙ هفتي جي شروعات ۾ آمريڪا ۾ ساڍن اٺن هزارن فوجين کي اسٽينڊ باءِ تي رکيو ويو هو

واشنگٽن (ر ڊ) آمريڪي صدر چيو آهي تہ آمريڪا وڌيڪ فوجي دستا اوڀر يورپ موڪلي سگهي ٿو، آمريڪي صدر جو بائيڊن موجب يوڪرين /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 42

عمران خان جي حڪومت دوران هر سال ڪرپشن ۾ واڌ ٿي: احسن اقبال

وزيراعظم قوم کي ٽرانسپرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ پاڪستان خلاف چارج شيٽ آهي

عمران خان پاڪستان کي بہ ڪرپشن جو ورلڊ چيمپيئن بڻائي ڇڏيو آهي

لاهور (ر ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ احسن اقبال چيو آهي تہ عمران خان جي حڪومت ۾ هر سال ڪرپشن ۾ واڌ ٿي، مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ احسن اقبال لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ وزيراعظم عمران خان قوم کي ڏوڪر ڏني، ٽرانسپرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ پاڪستان خلاف چارج شيٽ آهي. هن چيو تہ (ن) ليگ جي دور ۾ ڪرپشن گهٽ رهي آهي پر پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت واري دور ۾ ڪرپشن ۾ هر سال رڪارڊ اضافو ٿيندو رهيو آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 46

احسن اقبال

گرين لائن بس تبديلي قرار، سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت نہ رهندي: اسد عمر

ڪراچي ۾ جديد ٽرانسپورٽ جو نظام نہ هو پر اڄ ڪراچي جا ماڻهو گرين لائن ۾ سفر ڪري رهيا آهن

پرويز مشرف جي دور ۾ اسان ڪراچي ۾ ڪم ٿيندي ڏٺو ۽ هاڻي ڪراچي ۾ اوهان کي جديد ترين هلندي نظر ايندي

جيڪو ڪجهہ پ پ حڪومت ڪراچي سان ڪيو، ماڻهو منافعي سوڌو واپس ڪندا، آدمشماري ۾ ڪراچي جي آبادي کي پورو ظاهر ناهي ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ) منصوبابندي واري وفاقي وزير اسد عمر ڪراچي گرين لائن بس سروس کي تبديلي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي: وفاقي وزير اسد عمر تقريب کي خطاب ڪندي

مردان ۾ ڪورونا ڪيس سامهون اچڻ تي وڌيڪ 19 تعليمي ادارا بند

مردان (ر ڊ) مردان ۾ ڪورونا ڪيس رپورٽ ٿيڻ تي 19 تعليمي ادارا بند ڪيا ويا، ڊپٽي ڪمشنر مردان موجب ڪورونا ڪيس سامهون اچڻ تي 19 تعليمي ادارن کي 10 ڏينهن لاءِ بند ڪري ڇڏيو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 33

صحافي حسنين شاهہ کي ڏيتي ليتي جي تڪرار تان قتل ڪيو ويو: پوليس

صحافي حسنين شاهہ جو مرڪزي جوابدار عامر بٽ ۽ ان جي پاءُ شاهد بٽ سان ڏيتي ليتي جو تڪرار هلندڙ هو

عامر بٽ پاءُ سان گڏجي حسنين شاهہ کي قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ۽ فرحان شاهہ ذريعي شوٽرز کي گهرايو ويو

لاهور (ويب ڊيسڪ) لاهور جي ڪيپيٽل سٽي پوليس آفيسر (سي سي پي او) لاهور فياض احمد ديو انڪشاف ڪيو آهي تہ صحافي حسنين شاهہ کي ڏيتي ليتي واري معاملي تان قتل ڪيو ويو، قتل جي الزام ۾ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 34

2021 ملڪي تاريخ ۾ ستون گرم ترين سال رهيو

ڪراچي (رپورٽ) موسميات کاتي سال 2021 جي آب هوا جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، پاڪستان ۾ موسمياتي رڪارڊ ۾ سال 2012 ملڪي تاريخ جو ستون گرم ترين سال رهيو موسميات /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 38

وفاق پاران ڪراچي جي شهرين کي صحت ڪارڊ فراهم ڪرڻ تي غور

مستقل رهواسين کي ساليانو صرف 16 ارب رپين ۾ صحت ڪارڊ فراهم ڪري سگهجن ٿا

جيڪڏهن سنڌ حڪومت پروگرام ۾ شامل نہ ٿي تہ وفاق پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽ) وفاق ڪراچي جي شهرين کي قومي صحت ڪارڊ فراهم ڪرڻ تي بہ غور شروع ڪري ڇڏيو آهي صحت واري وفاقي وزارت موجب /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 39

ملڪ ۾ ڪورونا وبا وڌيڪ 27 مريض کان حياتيون کسي ورتيون، 7 هزار کان وڌيڪ نوان ڪيس رپورٽ

مثبت ڪيسز جي شرح 11.3 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي، فوتين جو انگ 29 هزار 219 ٿي ويو

گذريل 24 ڪلاڪن دوران 70 هزار 389 نوان ٽيسٽ ڪيا ويا ۽ 7 هزار 963 نوان ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن

هينئر تائين 12 لک 76 هزار 719 مريض صحتياب ٿي چڪا، هڪ هزار 375 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي

اسلام آباد (ر ڊ) ملڪ ۾ ڪورونا جي پکيڙ بيهر تيزي سان وڌي رهي آهي، هڪ ڏينهن دوران مثبت ڪيسز جي شرح 11.3 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 40

عالمي ايوارڊ يافتہ سينيئر بيوروڪريٽ تسنيم صديقي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪيترن ئي اهم سرڪاري عهدن تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ اڳوڻو سينيئر بيوروڪريٽ تسنيم صديقي لاڏاڻو ڪري ويو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 43

جيڪب آباد: سر اعجاز خان جکراڻي ۽ طاهر خان کوسو تقريب کي خطاب ڪندي

بلاول ۽ مريم جو ايڏو قد ناهي جو پاڻ کي قومي ليڊر چون: فواد چوڌري

هي ملڪ تمام عظيم آهي ۽ هن ملڪ جي قيادت لاءِ بلاول ۽ مريم ٻئي سادا آهن، انهن کري هي ملڪ انهن جي حوالي نٿو ڪري سگهجي

بلوچستان ۾ تخريبي ڪارروائيون پويان سازش آهي، ڪنهن بہ قسم جي تشدد جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

اسان کي جڏهن معيشت ملي تہ ڏيوالي جي حالت ۾ هئي پر اسان ڪريل معيشت کي مضبوط ڪيو ۽ مضبوط پاڪستان جو بنياد رکيو

جهلم (ر ڊ) سنڌ سماء بابت وفاقي وزير فواد چوڌري چيو آهي تہ هي ملڪ تمام عظيم آهي ۽ هن ملڪ جي قيادت لاءِ بلاول ۽ مريم ٻئي سادا آهن. تنهن ڪري هي ملڪ انهن جي حوالي نٿو ڪري سگهجي، جهلم ۾ صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 41

اسلام آباد: وفاقي وزير فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

فخر زمان جي محنت رنگ لائي، ملتان وڏو هدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان سپر ليگ ۾ ملتان سلطانز جي ٽيم بهترين ڪارڪردگي جو سلسلو جاري رکندي لاهور قلندرز کي شڪست ڏئي ڇڏي، پي ايس ايل جي ٽين ميچ ڪراچي جي نيشنل اسٽيڊيم ۾ لاهور قلندرز ۽ ملتان سلطانز /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 44

ملڪ ۾ پاڻ جو بحران عمران مافيا جي ڪرپشن سبب پيدا ٿيو آهي: مريم اورنگزيب

گري رقم خرچ ڪرڻ جي باوجود هاري پاڻ جي لاءِ دربدر ٿي رهيا آهن، پنجاب ۾ يوريا پاڻ جي کوٽ عمران مافيا جي ڪرپشن سبب پيدا ٿي آهي

نواز ليگ جي دور ۾ 2400 روپيين ۾ ملندڙ يوريا جي بوري اڄ 10 هزار ۾ بہ نہ پئي ملي، کوٽ اصل ۾ اوهان جي ڪرپشن سبب ٿي آهي

اٽو، کنڊ، ايل اين جي سان بہ ساڳيو ڪم ڪيو ويو آهي، پهريان کٽڪ ۽ کنڊ جو بحران پيدا ڪيو ويو، ذخيره اندوزي ٿي

لاهور (ر ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي تہ گري رقم خرچ ڪرڻ جي باوجود هاري پاڻ جي لاءِ دربدر ٿي رهيا آهن پنجاب ۾ يوريا پاڻ جي کوٽ عمران مافيا جي ڪرپشن سبب پيدا ٿي آهي، رپورٽ موجب /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 45

رولو ڪٽن جيڪو عوام جو حال ڪيو توهان ڏٺو آهي؟ عدالت جي وڪيل کي چنبڙ

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رولو ڪٽن جي چڪڻ کي روڪڻ ۽ ويڪسين فراهم نہ ڪرڻ واري درخواست تي ٻڌڻي

غير سرڪاري تنظيم ڪتن جي نسل ڪشي روڪڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي ۽ تنظيم جي وڪيل نوٽيس وٺڻ جي درخواست ڪئي

توهان ڪير آهيو ۽ درخواست ڇو داخل ڪرائي؟ رولو ڪٽن جيڪو ماڻهن جو حال ڪيو آهي توهان اهو ڏٺو؟

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ رولو ڪتن جي نسل ڪشي روڪڻ لاءِ داخل درخواست تي غير سرڪاري تنظيم جي وڪيل تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رولو ڪتن جي چڪڻ کي روڪڻ ۽ ويڪسين فراهم نہ ڪرڻ واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي. ان دوران غير سرڪاري تنظيم ڪتن جي نسل ڪشي روڪڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي ۽ تنظيم جي وڪيل نوٽيس وٺڻ جي درخواست ڪئي، ان تي عدالت پڇائو ڪيو تہ توهان ڪير آهيو ۽ درخواست /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 47

روزاني آس

ايڊيٽر : عاطف صادق

www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com

dailyaasoffical dailyaasoffical 0322-3921123 0335-7558367

ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10 اي 1-ٿرڊ فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757

حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2781913

پبلشر افشان عاطف بتول پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلا حيدرآباد مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

اداريو ۽ راءِ

پاڪستان جو ڪرپشن ۽ تباهيءَ ڏانهن سفر

محمد خان سيال

تازو بين الاقوامي اهم اداري، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل 180 ملڪن جي "ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس" جاري ڪري ڇڏي آهي، تنهن موجب پاڪستان رشوت جي عهدي ۾ 16 درجا مٿي هليو ويو آهي. بي بي سي به خبر جي هيڊنگ لڳائي آهي: "ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل": پاڪستان ۾ بدعنوانيءَ ۾ واڌ، ڏهن سالن ۾ سڀ کان وڏي درجا بندي."

هوٽئن به هاٿوڪي وفاقي سرڪار جي هوندي، اهو ڪو پهريون پيرو ناهي جو پاڪستان مٿان ڪرپشن جا داستان ڪوليا ويا آهن. جڏهن ته گذريل ساڍن ٽن ورهين جي هاٿوڪي وفاقي سرڪار خلاف اهڙي قسم جا داستان پريس ۾ ايندا ٿي رهندا آهن. هاٿوڪي وفاقي سرڪار جو حوالو ڏيڻ انهيءَ ڪري به ضروري آهي جو اهي پٽاڪي بيان لاڳيتو جاري ڪندا رهندا آهن ته اهي رشوت ۽ بدعنوانين جا زوردار مخالف آهن. منهنجي بي ريا چند چاڻ موجب سچائي انهيءَ ۾ آهي ته وفاقي سرڪار وارا حد کان وڌيڪ ڪوڙا بيان جاري ڪري، پنهنجي "سليڪٽيڊ" وفاقي سرڪار کي جائز ڪوٺڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. جڏهن ته هاٿوڪي وفاقي سرڪار احتجاج جو ڳا ڪوڙ قدم ڪٽي، ڪروڙن انسانن جو جيئڻ بار بار جنجال ڪري ڇڏيو آهي. سچائي اها آهي ته ظلم جا داستان، وڌندڙ بيانن جي باوجود جاري رکيا ويا آهن.

پي ٽي آءِ وفاقي سرڪار جا ساڍا ٽي سال مڪمل ٿيل آهن ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ جي، بي ريا ٻلچي چند چاڻ ڪجي ته خبر پوندي ته هاٿوڪي وفاقي سرڪار، ملڪ جي برباديءَ ڏانهن سفر، سڀ کان وڌيڪ ۾ تيزيءَ سان ۽ لاڳيتو جاري رکيو آهي ۽ جيڪڏهن اها رفتار جاري رهي ته ملڪ جي ترقيءَ جو انتو ڪو پر ڏکدائڪ ۽ ڳاٽي توڙ تاريخي داستان ميدان ۾ اچي ويندو جو ماٺهو جائزو وٺي لاڳيتو روئندا ٿي رهندا. ساڳي وقت، تلخ سچائي اها به آهي ته پاڪستان تباهيءَ جي داستان کان هتي دائمي جند ڪونه ڇڏائي سگهندو. ملڪ جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اداري، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي تازي رپورٽ کي اهميت ڏجي ته بهتر ٿيندو. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل 180 ملڪن جي ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن موجب پاڪستان ۾ ڪرپشن اڃا به وڌي وئي آهي ۽ پاڪستان رينڪنگ ۾ 16 درجا مٿي چڙهي ويو آهي. سال 2020ع ۾ پاڪستان جو نمبر 124 هو ۽ هاڻي 140 نمبر تي پهچي ويو آهي.

ٻئي طرف، وزيراعظم عمران خان جو بيان تازو ميڊيا شايع ڪيو آهي. سنڌس چوائي ملڪ ۾ مهانگائي سبب ننڊ ناهي ايندي. سرڪار مان نڪتس ته "وڌيڪ خطرناڪ" ٿي ويندس. جيڪڏهن مهانگائيءَ خلاف ايڏي ڳڻتي آهي ته پوءِ ايڏي ڳاٽي توڙ ۽ لاڳيتي مهانگائي ساڍن ٽن ورهين جي وفاقي سرڪار دوران چو ڪئي وئي آهي پر اهم ڳالهه اها آهي ته اهو خطرناڪ سلسلو اڃا به جاري آهي. انٽرنيشنل مانيٽرنگ فنڊ (آءِ ايم ايف) کان ڳاٽي توڙ شرطن تي قرض وٺي، ملڪ جي ڪروڙين انسانن جو جيئڻ اڳ ٿي جنجال ڪري ڇڏيو آهي. پراڻن حڪمرانن يعني پ پ پ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پاڪستان نواز ليگ جي سربراهه نواز شريف (ٽي ڀيرا وزيراعظم رهيو آهي) تن پنهنجي حڪمرانيءَ دوران ايڏي ڳاٽي توڙ مهانگائي ته ڪڏهن به ڪانه آندي

> **ٻئي طرف، وزير اعظم عمران خان جو بيان تازو ميڊيا شايع ڪيو آهي. سنڌس چوائي ملڪ ۾ مهانگائي سبب ننڊ ناهي ايندي. سرڪار مان نڪتس ته "وڌيڪ خطرناڪ" ٿي ويندس. جيڪڏهن مهانگائيءَ خلاف ايڏي ڳڻتي آهي ته پوءِ ايڏي ڳاٽي توڙ ۽ لاڳيتي مهانگائي ساڍن ٽن ورهين جي وفاقي سرڪار دوران چو ڪئي وئي آهي پر اهم ڳالهه اها آهي ته اهو خطرناڪ سلسلو اڃا به جاري آهي. انٽرنيشنل مانيٽرنگ فنڊ (آءِ ايم ايف) کان ڳاٽي توڙ شرطن تي قرض وٺي، ملڪ جي ڪروڙين انسانن جو جيئڻ اڳ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي. پراڻن حڪمرانن يعني پ پ پ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پاڪستان نواز ليگ جي سربراهه نواز شريف (ٽي ڀيرا وزيراعظم رهيو آهي) تن پنهنجي حڪمرانيءَ دوران ايڏي ڳاٽي توڙ مهانگائي ته ڪڏهن به ڪانه آندي آهي. مهانگائيءَ جو حوالو بار بار انهيءَ ڪري به ڏيڻو پوي ٿو ته جو ڪروڙن انسانن جو جيئڻ حد کان وڌيڪ جنجال ٿي ويو آهي ۽ اهو سلسلو اڃا به جاري آهي.**

آهي. مهانگائيءَ جو حوالو بار بار انهيءَ ڪري به ڏيڻو پوي ٿو ته جو ڪروڙن انسانن جو جيئڻ حد کان وڌيڪ جنجال ٿي ويو آهي ۽ اهو سلسلو اڃا به جاري آهي. انهيءَ ڳاٽي توڙ مهانگائيءَ جو ڪاٿو انهيءَ مان به لڳائي سگهجي ٿو ته جمعي نماز سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، جوڳي موڙ، ضلعو ملير، ڪراچي، سنڌ ۾ پڙهڻ وڃبو ته ڊسبو ته خيرات گهرڻ لاءِ ايندڙ عورتن جو انگ هر پيرو وڌندو پيو وڃي.

بهرحال، وزيراعظم عمران خان جي انهيءَ بيان جو حوالو ڏيڻ به ضروري آهي ته سنڌس چوائي: ملڪ ۾ مهانگائي سبب ننڊ ناهي. سرڪار مان نڪتس ته "وڌيڪ خطرناڪ" ٿي ويندس. انهيءَ سلسلي ۾ منهنجي ذاتي چنڊچاڻ موجب نيڪ نيتيءَ سان عرض آهي ته مهانگائيءَ سبب پنهنجي ساڍن ٽن سالن کان ڳاٽي توڙ مهانگائيءَ کي جائز ڪوٺڻ وارن بيانن بدران هاڻي ٿي انهن کي عملي ريت ختم ڪريو ته انهيءَ ۾ ڪروڙن انسانن جي ڀلائي سمايل هوندي. ڀلا اها سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن عمران سرڪار ساڍن ٽن سالن ۾ ڪا خاص تبديلي ناهي آندي ته ايندڙ ڇهن مهينن ۾ ڪهڙي آئيندو چاڪاڻ ته اهڙي دعويٰ ڪيئن وئي آهي! پيو ته وزيراعظم چوائي سرڪار مان نڪتس ته "وڌيڪ خطرناڪ" ٿي ويندس. ڪجهه سياستدانن ميڊيا موجب انهيءَ تي سخت تنقيد ڪندي سنڌس بيان کي رد ڪري ڇڏيو آهي پر منهنجي ذاتي چنڊچاڻ موجب انهيءَ بيان ۾ به ڪجهه سچائي سمايل آهي ته عمران خان اقتدار ڇڏڻ ڪانپوءِ، سچ پچ "وڌيڪ خطرناڪ" ٿي ويندو يعني رڳو بيانن جي حد تائين خطرناڪ هوندو. بهرحال، پ پ پ جي سربراهه بلاول ڀٽي زرداريءَ جي ترجمان چوائي ٽرانسپيرنسيءَ جي رپورٽ ڪانپوءِ، عمران سرڪار جي رهڻ جو ڪو جائز سبب ڪونهي سو ڪرپٽ حڪمران استعيفا ڏئي ته بهتر. ٻئي طرف، مخالف ڌر چوائي عالمي اداري جي رپورٽ چارج شيٽ آهي، ٽرانسپيرنسي اداري ڀيهر گواهي ڏني آهي سو حڪومت چور آهي. ڪرپشن جو شور مچائڻ وارن جون هر ڏهاڙي چوريون پڪڙيون پيون وڃن ۽ انهيءَ قرلٽ جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا ويا آهن. مخالف ڌر جي اڳواڻ شهباز شريف چوائي ٽرانسپيرنسيءَ جي رپورٽ جرم آهي. هٿرادو ايمانداريءَ جو ڀانڊو ڦاٽي پيو آهي. ٻين کي چور چوڻ وارا سڀ کان وڏا چور ثابت ٿيا آهن. منهنجي چنڊ چاڻ موجب اها دکدائڪ خبر آهي ته ملڪ جو سربراهه سڄي ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ عملي طرح سوچڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ بدران ڏينهن رات عوام جي تباهيءَ جو سوچيندو رهي ٿو ته رڳو اينترو پر هن پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ نه رڳو ڳاٽي توڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري آئي ڪروڙين ماڻهن جو جيئڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ بيروزگاري الڳ. اها ڳالهه خاص ڪري نوٽ ڪرڻ جي آهي ته ملڪ جو حڪمران اڃا به مطمئن ڪونهي ۽ سنڌس تازن بيانن مان اهو تاثر پيدا ٿي پيو آهي ته هو خاص ڪري سنڌ کي تباهه ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌس ميڊيا ۾ بيان موجب هو صدارتي نظام لاڳو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن لاءِ هو فوج جي ٽنهي اهم ڪاٿن جي سربراهن سان صلاح مصلحت به ڪندو ۽ اها به خبر ميڊيا ۾ ڏنل آهي ته هو سنڌ جي ڊويزنن کي صوبن جو درجو ڏيندو مطلب ته صدين جي پراڻي سنڌ کي ٽوڙي انهيءَ جي ڇهن ڊويزنن کي صوبن جو درجو ڏيندو. جنهن لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته هو صدين کان قائم ٿيل سنڌ جي وجود جو سخت دشمن رهيو آهي ۽ سنڌس رويي مان لڳي ٿو ته هو سنڌ کي باقاعدي ۽ مڪمل تباهه ڪرڻ چاهي ٿو. نه رڳو اينترو پر اها به ميڊيا جي خبر آئي آهي ته نيازي سرڪار، سنڌ ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ سهني افغاني پناهگيرن کي دائمي شهري بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيو آهي. جيڪو سنڌ ۽ سنڌين جي تباهيءَ لاءِ تاريخي نقصان هوندو. ڪنهن تبصرو ڪيو ته بنگالين کي سهن ڏيڻ لاءِ ون يونٽ ناهيو ويو ۽ هاڻي سنڌين کي سهن ڏيڻ لاءِ صدارتي نظام آڻي ڊويزن سطح تي صوبا ناهيا ويندا. يعني اها ته سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش آهي.

بهرحال، وزيراعظم عمران خان کي نيڪ نيتيءَ سان عرض آهي ته هو ڀاڻ کي ملڪ جو سچو وزير اعظم ثابت ڪري، هاڻي سنڌ سان ڪٿي محبت جو اظهار ڪري ۽ پنهنجون غلطيون ڪليو ڪلايو مڃي. ساڳي وقت ڳاٽي توڙ مهانگائيءَ، کي سڄي دل سان گهٽائي چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان ڪروڙين ماڻهن جون حياتيون خطري کان بچي وينديون پر جيڪڏهن ائين نٿو ڪري سگهي ته بهتر آهي ته وزيراعظم جي عهدي تان رضاڪارانه نموني استعيفا ڏئي ۽ پنهنجون غلطيون به مڃي ڇڏي. بهرحال، اختلافي پاليسين موجب ائين ڪندو ته پوءِ به عوام سنڌس واکاڻ ڪندو هونئن به ملڪ سنڌس زوردار اختلافي پاليسين سبب وڌيڪ بدناميءَ کان بچي سگهندو ۽ وفاق طرفان سنڌ جي تباهيءَ جو امڪان گهٽ گهٽجي ويندو. بهرحال، ائين ڪرڻ سان سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ جي ڀلائي به سمايل هوندي. ڪاش! اها سچائي "سليڪٽيڊ حڪمران" کي سمجهه ۾ اچي!!

شاگرد يونين جي بحالي وارو بل

گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان سنڌ ۾ شاگرد يونين قائم ڪرڻ تي پابنديون لڳل آهن. آمر ضياءالحق جي دور کان وٺي شاگرد يونين تي پابندي مڙهي وئي هئي، جنهن کي بحال ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون رهيون آهن پر ان ۾ ڪا ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي آهي. جڏهن شاگرد يونين بحال نه ڪيون وڃن ته پوءِ شاگردن جا مسئلا به بهتر نموني حل نه ٿي سگهندا آهن ۽ ان ڪانسواءِ مستقبل ۾ ملڪ کي سياسي قيادت گهربل هوندي آهي سا به تيار نه ٿي سگهندي آهي. جڏهن آمرن کي سياست کان خوف هوندو آهي ته اُهي اهڙي قسم جون پابنديون مڙهيندا آهن ته جيئن انهن جو اقتدار گهڻي کان گهڻي وقت تائين قائم رهي. تنهنڪري هن وقت تائين جيڪي به ڪوششون يونين جي بحاليءَ لاءِ ٿينديون رهيون آهن اهي ڪارائتيون ثابت نه ٿيون آهن. ان حوالي سان پيپلز پارٽيءَ، ٻاران هڪ سٺي اڳڀرائي ڪئي وئي آهي. جنهن سان ايندڙ وقت ۾ شاگرد يونين بحال ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي پيا آهن.

ان حوالي سان سنڌ ۾ شاگرد يونين جي بحالي لاءِ، تجويز ڪيل بل تيار ڪيو ويو آهي. سنڌ اسيمبليءَ جو اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس 25 جنوري تي سنڌ اسيمبليءَ جي ڪميٽي روم ۾ ٿيو. جنهن جي صدارت چيئرمين پير مجيب الحق ڪئي. قانون بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي تجويز ڪيل بل منظور ڪري اسيمبلي ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ڪميٽي پاران تيار ڪيل بل موجب خانگي ۽ سرڪاري ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين هوندي ۽ تعليمي ادارن ۾ داخلا وٺندڙ شخص شاگرد يونين کي ووٽ ڏئي سگهندو يا چونڊن ۾ حصو وٺي سگهندو. مسودي موجب تعليمي ادارن جا شاگرد 7 کان 11 نمائندن تي مشتمل يونين چونڊيندا. جڏهن ته تعليمي ادارن ۾ هر سال شاگرد يونين جاي چونڊ ٿيندي. تعليمي ادارن جي سينڊيڪيٽ ۾ شاگرد يونين جي نمائندگي هوندي. جڏهن ته تعليمي اداري جي حراسمينٽ جي خانگي واري ڪميٽيءَ ۾ به يونين جا نمائندا شامل هوندا. مسودي موجب اسيمبلي مان بل پاس ٿيڻ کان پوءِ ٻن مهينن اندر تعليمي ادارا شاگرد يونين جا قاعدا ۽ ضابطا طئي ڪندا. ڪميٽي پاران تيار ڪيل بل ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته تعليمي ادارن ۾ هٿيار کڻڻ ۽ ڪٺي وڃڻ تي پابندي هوندي. آتش گير مواد تي به پابندي هوندي. شاگرد يونين عوامي مفاد جا پروگرام منعقد ڪندي ۽ شاگردن جي سهولتن ۽ تعليمي ادارن کي بهتر ماحول جي لاءِ ڪم ڪندي. رابطا ڪميٽي چيئرمين پير مجيب الحق هڪ خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽيءَ جي قيادت تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين جي حق ۾ آهي ۽ قيادت جي هدايت تي پهرين وفاقي سطح تي اڳوڻي وزير اعظم يوسف رضا گيلاني شاگرد يونين جي بحالي جو اعلان ڪيو هو ۽ هاڻي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تي ڪميٽي ميمبرن جي محنت سان شاگرد يونين بل جو مسودو تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. جڏهن ته اسيمبليءَ جي مختلف ميمبرن جي راءِ کي به اهميت ڏني وئي آهي. پير مجيب الحق وڌيڪ چيو ته شاگرد يونين بل تي ڪافي عرصي کان ڪم هلي رهيو هو. هاڻي بل تيار ڪري اسيمبلي سيڪريٽريٽ ڏانهن اماڻيو ويو آهي جيڪو ايندڙ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو. اميد آهي ته سمورا ميمبرز بل جي حمايت ڪندا. بل اسيمبلي مان منظور ٿيڻ کانپوءِ سنڌ پهريون صوبو هوندو جتي شاگرد يونين فعال هوندي.

اسين سمجهون ٿا ته هي هڪ بهتر فيصلو آهي. جنهن وسيلي شاگردن پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڀائيوار ٿي ويندا ۽ ان کان سواءِ تعليمي ادارن ۾ گهٽ ٻوسٽ وارو ماحول به ڪنهن قدر گهٽجي ويندو. ماضي ۾ اسين ڏسي چڪا آهن ته شاگرد يونين وسيلي نئين قيادت پيدا ٿيندي رهي آهي. تنهنڪري سنڌ حڪومت جي هن فيصلي جي آجيان ڪرڻ گهرجي ۽ اها اميد به ڪجي ته شاگرد يونين ناهي پنهنجي ذميواري، جو مظاهرو پڻ ڪندا ۽ ان کان سواءِ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

ڪراچي ۾ ڪهڙا هٿ سرگرم آهن!

نصير ميمڻ

وڳهي عرصي کان پوءِ هڪ پيرو ڀيهر ڪراچي ۾ هڪ لساني گروهه جي ڪوشش رنگ لائو ۽ ريڊ زون ۾ تشدد جا ڏيک ڏسڻ ۾ آيا. ڪجهه عرصي کان ڪراچي جي رستن تي لساني نفرت جا منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. ان ۾ خاص طور تي جماعت اسلامي اڳڀري آهي. ان معاملي جي شروعات هن پيري مڪاني ادارن واري بل تان ٿي. سنڌ حڪومت گذريل قانون ۾ ترميمون ڪندي هڪ نئون بل اسيمبلي ۾ پاس ڪرايو. جماعت اسلامي ۽ ايم ڪيو ايم جو مطالبو آهي ته مڪاني ادارن کي اهي اختيار ڏنا وڃن جيڪي مشرف جي دور ۾ مليل هئا.

مڪاني ادارن کي بااختيار بڻائڻ وارو بحث پراڻو آهي پاڪستان پنهنجي قيام کان پوءِ جيئن ته هڪ مرڪز پسند سياسي ڍانچي هيٺ اسريو آهي. تنهن ڪري هتي وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن ۽ وسيلن جي مالڪي جو پراڻو ڦڏو هلندڙ آهي. ويندي 18 هين ترميم وسيلي صوبن کي ٿورا گهڻا اختيار منتقل ٿيا ته انهي تي به عمل نه ٿو ڪرڻ ڏنو وڃي. ساڳيو بحث صوبن اندر مڪاني ادارن جي اختيارن تي به هلندڙ آهي.

آئيني طور تي مڪاني ادارن لاءِ مالي ۽ انتظامي خودمختياري جي ڳالهه ڪيل آهي پر آئين ۾ اختيارن جي ورهاست جون هن وقت به فهرستون آهن. هڪ اها جنهن ۾ وفاقي حڪومت جا ڪاتا ڄاڻايل آهن ۽ ٻي اها جنهن ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اختيار هيٺ آيل ڪاتا آهن. وفاقي حڪومت غير آئيني طور تي ڪائونسل کي مليل ڪاتن مان به وزارتون ۽ ڪاتا قائم ڪري رکيا آهن.

آئيني طور مڪاني ادارا صوبن جي فهرست ۾ آهن. ان لحاظ کان مڪاني ادارن بابت قانون سازي صوبائي حڪومت جي اختيار هيٺ آهي. هر صوبو پنهنجي سياسي صورتحال آهر پنهنجي لاءِ مڪاني ادارن جي جوڙجڪ ۽ اختيارن بابت فيصلو ڪندو. ان لحاظ کان ڏسجي ته سنڌ حڪومت پنهنجا آئيني اختيار استعمال ڪندي ان معاملي تي قانون سازي ڪئي.

جيستائين سوال لنڊن ۽ نيويارڪ جي ميئر کي مليل اختيار ڪراچي ۾ ڏيڻ جو تعلق آهي ته اها پيٽ ٽي اجائي آهي. اهي شهر انهن ملڪن ۾ آهن جتي قانون جي حڪمراني هوندي آهي. اتي ايٿن حڪومت ۾ ويٺل ڌريون نه زمينن تي قبضا ڪنديون آهن، نه پٿر نه ملن تي سوين پورهيتن کي جيشرو سازن جي هٿ ڪنديون آهن ۽ نه بورين ۾ لاش موڪليندڙيون آهن. مشرف دور جي بااختيار مڪاني ادارن جي نالي تي هڪ لساني گروهه کي ڪراچي جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو. ان دور جي ڪارن ڪرتوتن جا تفصيل عوام اڳيان آندا ٿي ويا آهن. ڪيئن سنگين ڏوهن ۾ ملوث ڏرجنين ماڻهن کي سرڪاري خزاني مان پگهارون مليون هيون. ڪيئن عوامي ماڳن لاءِ رکيل زمينن قبضا ڪري ورهايون ويون. ڪيئن ارين رهين جي ليکن مان ڪميشنون لنڊن موڪليون ويندڙيون هيون. ان سڄي عرصي ۾ ڪراچي جي قديمي وسنڌين کي ترقي جي لاپ کان ٻنهه ٻاهر رکيو ويو ۽ جيڪي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا اهي هڪ مخصوص لساني تنظيم جي من پسند علائقن ۾ ڪرايا ويا.

ان دور جي مڪاني ادارن کي ضلعي حڪومتن جو نالو ڏنو ويو. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته آئين اندر وفاقي نظام جون اڪايون صوبا آهن. ضلعا ناهن ضلعن اندر يا ته انتظاميائون آهن يا وري ميونسپل سروسز. ان لحاظ کان مڪاني ادارن جون ٻانجو حڪومتن وارو نه پر سروسز وارو ٿي بيهندو. ميونسپل سروسز جي دائري ۾ ايندڙ معاملا بهرحال صوبي کي ميونسپل سطح تي ضرور منتقل ڪرڻ گهرجن. ان لحاظ کان بلڊنگ ڪنٽرول يا ويسٽ مئنيجمينٽ جي ڪم لاءِ، وفاقي حڪومت کي قانون سازي يا پاليسي سازي ڪرڻ گهرجي باقي انهن تي عملدرآمد جا معاملا ميونسپل خدمتن جي دائري ۾ اچن ٿا جيڪي انهن جي حوالي ڪري صوبائي حڪومت کي انهن تي نظرداري (مانيٽرنگ) وارو ڪم ڀاڱي وٽ رکڻ گهرجي.

اصل معاملو هاڻي ميونسپل ادارن جي اختيارن جو رهيو ئي ناهي. جماعت اسلامي ۽ ٻين تنظيمن جي سموري مهم جو محور شهري ۽ ٻهراڙي جي نالي تي لساني ورڇونيون وڌائڻ آهي. جماعت اسلامي ۽ ٻين تنظيمن جا ٻيشر ۽ سنڌن تقريرون مڪاني ادارن جي بل تي ڳالهائڻ بدران لساني نفرت تي ٻڌل آهن.

ان صورتحال ۾ جماعت اسلامي جو احتجاج لساني منافرت باوجود پر امن ٿي رهندو آيو آهي، اوچتو گذريل ڏينهن جنهن طرح ايم ڪيو ايم احتجاج جو سڏ ڏنو ۽ ان جا ڪارڪن سڌو چيف منسٽر هائوس اچي پهتا ان مان نظر اچي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه ڪراچي جي پرامن ماحول ۾ رنڊڪ وجهڻ ۽ جارحيت لاءِ ڪرايو ويو.

2018ع جي چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم کي ڪراچي جي شهرين تشدد واري سياست سبب رد ڪري ڇڏيو هو جيئن ملڪ جي ڪجهه طاقتن سنڌن واهر بند ڪئي ڪجهه مهينن اندر ايم ڪيو ايم جي سياسي صورتحال بنهه چٽي ٿي وئي. سياسي طور ايم ڪيو ايم اڃا ان صدمي مان گذري رهي آهي ته ان لاءِ اهو هضم ڪرڻ مشڪل هوندو. ان معاملي تي جماعت اسلامي شهر ۾ ڀيهر ڀاڙون ڪوڙڻ شروع ڪري ڏنو.

ٻئي پاسي وفاقي حڪومت سخت ڏڪي جو شڪار آهي ان جي معيشت تباهي ٻين معاملن ۾ ڪارڪردگي اينتري خراب ٿي چڪي آهي جو ان جا پنهنجا اهم اڳواڻ پارٽي قيادت خلاف ڳالهائڻ لڳا آهن. پي ڊي ايم ۽ پيپلز پارٽي اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪا آهن. وفاقي حڪومت ان سخت دٻاءُ سبب پنهنجي حڪومت برقرار رکڻ لاءِ جتن ڪري رهي آهي. ان حالت ۾ پنهنجي اتحادي ڌر وسيلي ڪراچي ۾ حالتون خراب ڪرائڻ ان لاءِ وڏو رليف مهيا ڪندي موت ۾ آدمشماري جا گهربل نتيجا به سنڌس اتحادي ڌر لاءِ وڏي چڪ جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا. وفاقي حڪومت هونئن به سنڌين لاءِ ڪا پنهنجائپ نه ٿي رکي ان کي اڳ ئي سنڌ جا پيٽ نه ملڻ سبب وڏي ڪاوڙ آهي. اها پيپلز پارٽي جي مخالفت لاءِ سنڌين جي ڊيموگرافي بدلائڻ وارو ڪم ڪندي ڪا به هٻڪ محسوس نه ڪندي.

چيف منسٽر هائوس اڳيان اوچتو ڌرڻو لڳڻ ۽ اتي لسبازي ٿيڻ جي پٺيان ممڪن آهي ته ڪو گڏجوڙ هجي. هونئن به سنڌ حڪومت صوبي اندر ڪجهه معاملن ۾ ٻين طاقتن جي مداخلت اڳيان بي وس هوندي آهي. ڪراچي ۾ مريم نواز ۽ صفدر نواز سان هوٽل ۾ ٿيل واقعي، علي وزير جي گرفتاري وارو واقعو سنڌ پوليس ڪيو پر انهن ۾ سنڌ حڪومت جي رضا شامل نه هئي ان امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي ته ايم ڪيو ايم جو بنا رٽا بندي اوچتو چيف منسٽر هائوس پهچڻ ۽ اوچتو اتي لسبازي ٿيڻ جي پٺيان به اهي قوتون هجن جن کي ڪراچي جون حالتون خراب ڪرڻ ۾ فائدو آهي.

سنڌ حڪومت کي ان صورتحال ۾ معاملن کي ٽڪراءُ بجاءِ تدبيري ڏانهن کڻي وڃڻ گهرجي. مڪاني ادارن جي بل تي ان حد تائين ويچار ڪرڻ گهرجي جنهن سان بلدياتي ڪم بلدياتي ادارن حوالي ٿين. البت امن امان پوليس وغيره جهڙا حساس ڪم صوبائي حڪومت وٽ ئي رهڻ گهرجن. مڪاني ادارا با اختيار بڻائڻ پر ان سان گڏ ڪين به ايڏو به بڻائڻ گهرجي. آئيني طور مڪاني ادارن مٿان نظرداري صوبائي حڪومت جي اختيار هيٺ رهڻ گهرجي. سنڌ ۾ لساني ٽڪراءُ کي هر صورت ۾ روڪڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي جو امن سڄي سنڌ ۽ سڄي ملڪ لاءِ ضروري آهي. تنهن ڪري ان جي پٺيان سرگرم هٿ به عوام اڳيان پڌرا ڪرڻ گهرجن.

●●●●●

بقايا 01 ... بقايا 20

[illegible]

بقايا ⁎/آس/⁎ 01

پلاٽ تي قبضو برقرار احتجاج جاري خبر موجب سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح چيو ته ڀاءُ سرور ملاح جي پلاٽ تي بااثر ماڻهن قبضو ڪيو آهي هن چيو ته قبضو جمع خان نعيم ۽ چوڌري سهيل امتياز ملاح غلام قادر ملاح مصطفيٰ ملاح ٻين ناريجا ورڪشاپ ڪوٽڙي ۾ منهنجي ڀاءُ جي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي. منهنجي ڀاءُ سميت مون کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته پوليس به انهن سان مليل آهي هن چيو ته منهنجي ڀاءُ سرور ملاح ۽ مون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار قبضي خور هوندا . هن آءِ جي سنڌ ـ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان گهر ڪئي ته پلاٽ تان قبضو فوري طور ختم ڪرايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا ⁎/آس/⁎ 02

لڳرائڻ لاءِ وئڪسئين سينٽرن تي اچي ٻار کي وئڪسئين لڳرائين

بقايا ⁎/آس/⁎ 03

هولڊر مسڪين عورتن جي وظيفي جي رقم مان ڪٽوتي ڪندو ته ڪيس گرفتار ڪيو ويندو ايس ايچ او سجاول اياز حسين ميمڻ تفصيل موجب / ڊگري ڪاليج سجاول ۾ قائم ڪيل احساس ڪفالت سينٽر تي مسڪين عورتن جي آيل رقم جي ناجائز ڪٽوتين جي عوامي شڪايت کان پوءِ ايس ايچ او سجاول اياز حسين ميمڻ اچانڪ دورو ڪيو جنهن سبب مقامي ايجنٽن ۾ ٽرٿلو مچي ويو جڏهن ته ايل بي ايل ڪنيڪٽينگ ڊوائس هولڊرن کي سختي سان منع ڪئي وئي ته مسڪين عورتن جي 12000هزار روپئي جي رقم مان هڪ روپيو به ڪٽوتي ڪئي وئي ته ڪين گرفتار ڪري ڊوائس پڻ کسي ويندي احساس ڪفالت سينٽر تي موجود عورتن ايس ايچ او سجاول اڳيان داهيندي چيو ته اسان جي وظيفي جي رقم مان ڀرين ڪٽوتي ڪئي ويندي هئي پر توهان جي اچڻ کان پوءِ پوري رقم ملي رهي آهي

بقايا ⁎/آس/⁎ 04

سول اسپتال مڪلي آندو ويو جتان نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو جنگشاهي پوليس رپورٽ درج ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 05

ياڻ خريد ڪرڻ لڳا اي سي ٺلهار ٽوڙي مختيارڪار ڪوٽي نوٽس نه ورتو . سونا يوريا جي في بوري 3500 روپيه جڏهن ته اينگرو في بوري 5600 روپين ۾ وڪرو ٿيڻ جو ايگريڪلچر اداري ٽوڙي روينيو عملدارن نوٽس ئي نه ورتو ان سلسلي ۾ ننڍن آبادگارن محمد صديق زوهيب لاشاري، ڪريم بخش هليو ۽ ٻين عوامي پريس ڪلب ٺلهار جي صحافين آڏو داهيندي چيو ته هڪ پاسي پاڻي کوٽ برقرار رهي آهي ته ٻي پاسي زمين ۾ پوکيل فصل ۾ ڪاڌ خوراڪ وقت سان نه ڏيڻ جي ڪري فصل تباهه ٿي رهيو آهي گذريل هڪ مهيني کان يوريا ياڻ لاءِ هر دڪاندار جي دڪان جا چڪر ڪاٽڻ جي باوجود گذريل ڏينهن ياڻ ٺلهار مان مختلف دڪانن تان گهرايوسين ته جيڪا بوري 1870 ۽ 2000 روپين جي قيمت ۾ مقرر هجڻ جي باوجود اسانکي اها بوري بليڪ تي 3500 ۽ 5600 روپين ۾ ملي آهي جيڪڏهن يوريا جي اها ئي قيمت برقرار رهي ته هاري ۽ آبادگارن کي تباهي کان ڪوئي بچائي نٿو سگهي آبادگار ويتر قرض ۾ ڪيترائي سال گروي ٿيندا پيا وڃن جنهن جي ذميوار تعلقي جي نااهل انتظاميه آهي جنهن وقت سر منافعي خورن ۽ وياج خورن خلاف ڪا ڪاروائي ناهي ڪئي

بقايا ⁎/آس/⁎ 06

ڪيو ويو وڪيلن جو عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ. واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. پوليس قتل واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري پئي . مقتول جا وارث جاچ بعد ڪيس ڪرائيندا . پريا پوليس : خبر موجب پريا سٽي جي ڳوٺ داد محمد بروهي ۾ قتل ٿيل قربان بروهي جي پوليس واقعي بعد مقامي ٻيرين کان پيرا کڻايا ويا . جڏهن ته پريا پوليس موجب قتل واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري پئي . ڪيس هٿيارٻند ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو آهي ، وارثن جي فرياد تي ڪيس ڪيو ويندو . ٻئي پاسي مقتول قربان بروهي جي وارثن ۽ وڪيل برادري امر امتياز ميمڻ ، شير محمد اجن ، وسيم راجا برڙو ۽ ٻين چيو ته پريا تعلقي سميت ضلعي اندر بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ،هنن ٻڌايو ته وڪيل لياقت بروهي جي ڀاءُ قربان بروهي کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي . ضلعي بار جي وڪيلن پڻ واقعي خلاف سخت احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو. جڏهن ته مقتول جي وارثن وڪيل لياقت بروهي ۽ شوڪت بروهي چيو ته مقتول جو قتل ڪيس ڪرائيندا سين . اسان سان ظلم ٿيو آهي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي . ٻئي پاسي وڪيل جي ڀاءُ واقعي بعد وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن ۽ وڪيلن جنازي نماز ۽ سنڌس تدفين ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 07

چيو ته هي ڪتاب جنهن جو اردو ۾ ترجمون خوشي جي ڳالهه آهي ڪتاب جي اهميت ختم ناهي ٿي پر سنڌ صوبي جيترو سنجيده ادب جا ڪتاب پڙهيا وڃن ٿا ملڪ جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي وڏي تعداد ۾ ڪتابن جو ڇپجڻ گهڻو پڙهڻ جو ثبوت آهن هي ڪتاب گينجي جي ڪهاڻي پنهنجي دور جي تاريخ آهي هڪ هزار سال پهريان هي ڪتاب لکڻ ۽ اڄ به محفوظ هجڻ ڪتاب وڏي ڳالهه آهي مهمان خاص ادل سومرو ڳالهائيندي چيو ته هن ناول جو اردو ۾ ترجمون اچڻ خوشي جي ڳالهه آهي ناول جو خرم سهيل محنت سان ترجمون ڪيو آهي دنيا جون باشعور قومون هميشه ڪتابن کي اهميت ڏينديون آهن اسان پنهنجي ٻارن ۾ ڪتابن پڙهڻ لاءِ آمادا ڪجي گهرن ۾ ڪتاب آڻيون ترجمه نگار خرم سهيل ڳالهائيندي چيو ته هن ڪتاب جي ترجمي لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پئي. هن وقت سوشل ميڊيا جي دور ۾ ڪتاب کي وقت ڏيڻ خوشي جي ڳالهه آهي پاڪستان جاپان لٽريچر فورم جي فورم تان جپاني ڪتابن جو ترجمه ڪري پاڪستان جپان دوستي کي وڌائڻ ۽ ويجهڙائپ ڪرڻ لاءِ هڪ قدم آهي ممتاز بخاري ڳالهائيندي چيو ته گينجي جي ڪهاڻي دنيا جي پهرين ناول جاپاني جي ادب جي حوالي سان بهترين ناول آهي خرم سهيل جي ان تي تحقيق شاندار آهي هن ناول کي يورپ وارن به پهريون ناول ڪري مڃيو آهي.اظهر نوناري ڳالهائيندي چيو ته گينجي جي ڪهاڻي ناول جو جيڪو اردو ۾ ترجمون خرم سهيل ڪيو آهي ان ترجمي ۾ اصل روح پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ڪتاب کي پورو پڙهيو ته ناهي پر هن ناول جي وڏي اهميت آهي.اردو ادب ۾ هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي هن ناول جو سنڌي ۾ ترجمون اچڻ گهرجي جڏهن ته هن پروگرام جي ڪاروائي امتياز علي ميمڻ هلائي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 08

، علي بخش گوپانگ ، لقمان پهر ،محمد پهر ،خادم حسين سرهيو ، قائم سرهيو ، علي اصغر پهر ۽ ٻين ميڊيا سامهون داتهيو ته محلا ساماٽو گوپانگ ،گهرام گوپانگ ، قلندرآباد،برهمائي ڪالوني سميت يوسي 4 ۾ پاڻي اٿلپ ٿي ويو آهي جڏهن ته محلن ۾ جر ڪارو هجڻ ڪري پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ ڪري سرڪاري ملازم ، اسڪولي شاگرد اسڪول ۽ آفيس نه ٿا وڃي سگهن. گهريلو عورتون بارڙا سخت پريشان آهن بار بار پبلڪ هيلٿ عملدارن عشرت پنهور سڪندر پنهور ، ۽ ٻين سان داتهيوسين مگر بجيٽ نه هجڻ جو جواز ڏئي واپس ڪرايو ويو هوڏانهن انجنيئر پبلڪ هيلٿ دادو عشرت پنهور ، ايس ڊي او سڪندر پنهور ٻڌايو ته مسلسل ٽن مهينن کان جنريٽر هلائڻ لاءِ تيل جي بجيٽ بند آهي بجلي نه هجڻ برابر آهي شهر جي واٽرسپلاءِ اسڪيمن کي سيپڪو پاران ٻهراڙين جي فيڊر تي رکيو ويو آهي سالن کان ايڪسپريس فيڊر لاءِ درخواستون سيپڪو اي سي آفيس جمع ڪرائي ڏهاڙت جا پئسا به جمع ڪرايا آهن مگر واپڊا ، سيپڪو ادارو ايڪسپريس فيڊر جي بجلي نه ٿو مهيا ڪري تنهنڪري اسڪيمن کي هلائڻ ۾ شديد تڪليف آهي ۽ شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن جڏهن ته مظاهرين ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ، ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته فورن واٽر سپلاءِ اسڪيمن کي فعال ڪري پيئڻ جو پاڻي ڏنو وڃي نه ته ڊي آفيس سامهون سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا ⁎/آس/⁎ 09

عملدارن پاران پٽي وصولي لاءِ ميٽر ريڊر پورل ڪورائي جي جڳهه تي ڪم ڪندڙ پرائيويٽ ملازم اعجاز سومرو پاران هر مهيني ڀتو اوڳاڙي ڪرڻ جو انڪشاف حڪومت کي هر مهيني لکين روپين جو نقصان ايڪسيئن سيپڪو ڀتو ملڻ سبب اکيون ٻوٽي ڇڏيون تفصيل موجب سيپڪو ميرپور ماٿيلو جي آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب پٺاڻي ڪالوني نيو حيدر شاهه ڪالوني ڪوٺر ڪالوني سميت ميرپور ماٿيلو ۽ اس پاس جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پنج سو کان هڪ هزار روپين جي پٽا وصولي عوض سوين غير قانوني ڪنيڪشن هلڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ان سلسلي ۾ مختلف علائقن جي ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب سيپڪو اختيارين پاران پٺاڻيءَ ڪالونيءَ ۾ ڪمرشل دوڪان ۽ في گهر تي پنج سو کان هڪ هزار روپين جي پٽا وصولي جو ٺيڪو ڪيترن ئي مهينن کان ويڙا ٿي ويل ميٽر ريڊر پورل ڪورائي جي جڳهه تي ڪم ڪندڙ پرائيوٽ ملازم اعجاز سومرو حوالي ڪيو ويو آهي جيڪي باقاعده هر مهيني في گهر تي پنج سو کان هڪ هزار ۽ ڪارخانن کان پنج هزار روپين تائين اوڳاڙي ڪري آفيسرن ۾ ايمانداري سان ونڊ ورهاست ڪري ٿو ياد رهي ته سيپڪو اختيارين جي اهڙي قسم جي پٽا وصولي سبب وفاقي حڪومت کي هر مهيني لکين روپين جو نقصان پهچي ٿو ان سلسلي ۾ پٺاڻيءَ ڪالونيءَ ميرپور ماٿيلو جي صارفين سيپڪو چيف سکر کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي غير قانوني ڪنيڪشن ختم ڪري بجلي چوري ڪرائي صارفين ڏانهن اضافي بل موڪليندڙ سيپڪو ميرپور ماٿيلو جي عملدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا ⁎/آس/⁎ 10

ڪاڇي جي صحافي امان برهمائي جي ڀاءُ سميت ڏهه کان وڌيڪ ڳاڏيون ڦر ٿيون جنهن سبب شهري سخت پريشان ان سلسلي ۾ صحافين وفا برهمائي، عابد لاشاري، عباس گاڏهي، امان برهمائي، دودو برهمائي، يعقوب رستماڻي سميت ٻين پاران جوهي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪندي چيو ته ڪاڇي جي شهر واهي پانڌي جي نوجوان صحافي امان برهمائي جي ڀاءُ عطاءُ الله برهمائي کي ڦورون هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري آسان سان فرار ٿي ويا آهن هنن چيو ته ڪاڇي سميت جوهي تعلقي اندر ڦورون رڻ ٻاري ڏنو چوريون، ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن صحافين پاران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو عرفان سمون کان مطالبو ڪيو ته ڦورن کي گرفتار ڪري صحافي امان برهمائي جي ڀاءُ کان ڦر ٿيل ڳاڏي واپس ڪرائي سنڌس سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر احتجاجن جو سلسلو شروع ڪيو

بقايا ⁎/آس/⁎ 11

نانو بنگش پٺاڻ ٽور خان بنگش پٺاڻ فرمان ڪوڪر ۽ خدابخش شر شامل آهن جن کي پٽ شاهه پوليس گرفتار ڪري جوابدارن مٿان ڪيس به داخل ڪري ورتو آهي. ايس ايچ او پٽ شاهه ذوالفقار لاشاري جو چوڻ هو ته گرفتار جوابدار وڏي عرصي کان شهر ٽوڙي علائقي اندر بجلي ٽرانسفارمر چوري ڪندڙ گروه جا ميمبر آهن ۽ علائقي اندر ڪيترائي بجلي ٽرانسفارمر چوري ٿي چڪا آهن گرفتار جوابدارن وٽان چوري ٿيل سامان به هٿ ڪيو آهي جيڪي رڪشي تي ٽرانسفارمر لاهي کڻي ويندا هئا اجهان 2 جوابدار ٻيا به ملوث آهن جن کي جلد سوگهو ڪيو ويندو ۽ گرفتار ٿيل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 12

سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان داهيندي چيو ته منهنجي 14 ورهين جي معصوم نياڻي مسڪان ميمڻ جيڪا پرائيوٽ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ داخل ڪئي ته ان اسڪول جي استاد احمد خان جمالي تعليم ڏيڻ جي بجائي منهنجي نياڻي کي مبينه گهران اغوا ڪري ويو آهي ۽ ماڻٽن کان برگلائي تشدد ڪري زبردستي پيار جي پرٽي لاءِ راضي ڪرايو ويو آهي. جڏهن ته نياڻي جي عمر 14 سال آهي جنهن جو ڄمڻ جو سرٽيفڪيٽ مون وٽ موجود آهي. هن چيو ته منهنجي نياڻي کي ڪورٽ تي به پيش نه پيو ڪيو وڃي بااثر ماڻهو مونکي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سجاول پوليس منهنجي داتهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي جوابدار سان پاڻهن بيلي ٿي بيٺل آهي. هن داتهيندي چيو ته جوابدار الٽو مون مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن . هن آئي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ايس پي سجاول ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ منهنجي نياڻي کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 13

ڪئي ۽ پوليس اهلڪار اظهر حسين جتوئي ۽ مير وسيم ٽالپر جي وارثن سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پ پ ليڊيز ونگ ضلعي ۽ تعلقي عورت اڳواڻ پڻ موجود هيون جڏهن ته پ پ ايم پي اي جو فرزند مير عمران ٽالپر ۽ پ پ ضلعي يوٿ نائب صدر پير محفوظ ۽ ٻيا پ پ اڳواڻ پڻ فوتين جي تڏي تي پهچي گهري ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا ⁎/آس/⁎ 14

ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ واقعي جو نوٽيس وٺي ورتو ويڊيو ۾ اهو ڏيکاريو ويو ته ڳوٺ حسين بجير پرسان جوابدار علي پرڳڙي، قاسم ملاح، سجاد علي پرڳڙي، حفيظ بجير، پرويز شاهه، رجب ڪوسو ۽ ٻين نامعلوم جوابدارن گڏجي جهنگ مان سوٽر کي جهلي جنهن جا پير رسن سان ٻڌي پالتو ڪتا ڇڏي سوٽر کي مارائي ڇڏيو ايس ايچ او ننڊو سب انسپيڪٽر مير محمد گاڏهي واقعي واري جاءِ جو معائنو ڪرڻ بعد جوابدارن خلاف ننڊو ٿاڻي تي سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا ⁎/آس/⁎ 15

ٽي بي جي چڪاس لاءِ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اينڊ مرسي ڪارپس گلوبل فنڊ طرفان ڳوٺ مريد لاکير ۾ ٽي بي جي چڪاس لاءِ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ ڇاتي جو ماهر ڊاڪٽر سيد ارباب علي شاهه ڊاڪٽر سڪندر جمالي ڊسٽرڪٽ ٽي بي ڪوآرڊينيٽر وحيد خٽڪ ريجنل ڪوآرڊينيٽر تيمور علي سومرو ۽ پرويز ميمڻ جي اڳوائي ۾ ڳوٺ مريد لاکير ۽ ان جي آس پاس جي ڳوٺن کان 32 شڪي ٽي بي جي مرض ۾ مبتلا مريضن جو مفت ۾ بلغم جين ايڪسپرٽ ٽيسٽ ڪيو ويو جنهن ۾ ٽن مريضن جون بلغم جين ايڪسپرٽ ٽيسٽون پازيٽو آيون جن کي ڪئمپ ۾ آيل ڇاتي جي ماهر ڊاڪٽر سيد ارباب علي شاهه طرفان مفت ۾ دوائون فراهم ڪيون ويون جڏهن ته ڦڦڙن جي بيماري جي ايڪسري مشين فني خرابي سبب استعمال نه ٿي سگهي. ٻئي طرف ڳوٺ جي معزز سردار مدثر الطاف لاکير، سردار احمد خان لاکير، شفيق احمد ڪلهوڙو، وڏيرو اسد علي، ارسلان علي ڊوگر، وسيم احمد لاکير، ڊاڪٽر شيراز احمد پيرزادو فقير محمد يعقوب سولنگي ۽ ٻين طرفان طبي ڪئمپ ۾ آيل ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف کي سنڌ جي ثقافت ٽوپي ۽ اجرڪ پڻ پارايا ويا.

بقايا ⁎/آس/⁎ 16

تحريري فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. فيصلي ۾ جسٽس يحيٰ آفريدي واڌو نوٽ لکيو آهي. فيصلي ۾ سرينا عيسيٰ جون نظرثاني درخواستون اڪثريت سان منظور ڪيون ويون. جڏهن ته سرينا عيسيٰ جي حق ۾ فيصلو 10 رڪني لارجربنچ 4_6 جي شرح سان ٻڌايو سپريم ڪورٽ مختصر فيصلو 26 اپريل 2021 ۾ ٻڌايو هو ۽ هاڻ تحريري فيصلو جسٽس مقبول باقر، جسٽس مظهر عالم، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس امين الدين لکيو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته فيصلو واضح لفظن سان ٻڌايو وڃي ٿو ته هن عدالت جي جج سميت ڪو به قانون کان مٿاهون ناهي. جڏهن ته ڪو به شخص، ڀلي اهو هن عدالت جو جج ڇو نه هجي، ان کي قانوني حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته هر شهري پنهنجي زندگي، آزادي، ساک، ملڪيت بابت قانون موجب ورتاءُ جو حق رکي ٿو. آئين جا آرٽيڪل 9 کان 28 تائين هر شهري جي بنيادي حقن جو تحفظ ڪن ٿا. ڪنهن به عهدي يا پوزيشن جو هر پاڪستان قانون موجب ورتاءُ جو حقدار آهي. فيصلي موجب ڪيس ايف بي آر کي موڪلڻ تي سرينا عيسيٰ جو موقف نه ٻڌو ويو. سرينا عيسيٰ کي اهم ترين معاملي جو پورو حق نه ڏنو ويو. آئين تحت شفاف ٽرائل هر خاص ۽ عام جو بنيادي حق آهي. رڳو جج جي گهرواري هجڻ تي سرينا عيسيٰ کي آئيني حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته قانون موجب فيصلا ڪرڻ سان ئي عوام جو عدليا تي اعتماد وڌندو سرينا عيسيٰ ۽ ان جا ٻار عام شهري، انهن جي ٽيڪس جو 3/184 سان ڪو واسطو ناهي. سرينا عيسيٰ جي ٽيڪس جو ڪيس سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي نه موڪليو ويو. سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي اختيارن جو دائرو رڳو ججن تائين محدود آهي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ ان جي گهر ڀاتين جو ٽيڪس رڪارڊ غير قانوني طريقي سان گڏ ڪيو ويو

بقايا ⁎/آس/⁎ 17

وقت گذرڻ سان گڏ وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. چين ضرورت جي وقت سدائين پاڪستان سان گڏ بيٺو آهي. هن چيو ته سي پيڪ به پاڪستان ۽ چين کي وڌيڪ ويجهو ڪيو. سي پيڪ جي ٻئي مرحلي ۾ زراعت ۽ صنعت تي ڌيان ڏنو ويندو. بدقسمتي سان ماضي ۾ ملڪ جي معيشت تي ڌيان نه ڏنو ويو پر اسان معيشت تي خاص ڌيان ڏئي رهيا آهيون. والاريل ڪشمير جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي وزيراعظم چيو ته ڀارت ڪشمير ۾ انساني حقن جي شديد ڀڃڪڙي ڪئي. اتي 90 لک ماڻهو بدترين حالتن ۾ کليل جيل ۾ رهن ٿيا. اولهه ۾ ڪشمير جي حوالي سان هڪ خاص خاموشي آهي. هڪ طرح سان والاريل ڪشمير تي ڇانيل واري خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي. سنڌس چوڻ هو ته 40 سالن بعد افغانستان ۾ امن جو موقعو مليو. هاڻي عالمي برادري کي به افغانستان جي صورتحال کي سمجهڻ گهرجي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 18

جي قبضي کان پوءِ هڪ سئو کان وڌيڪ اڳوڻن سرڪاري اهلڪارن جو عدالت کان مٿاهون قتل ڪيو ويو آهي. ان ڳالهه جو انڪشاف گڏيل قومن جي هڪ داخلي رپورٽ ۾ ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب به ٽهاڳي تي کان وڌيڪ فوتگين جي ذميواري مبينا طور تي طالبان يا مارجي ويلن جو شڪ عسڪريت پسند تنظيم داعش خراسان جي ويڙهاڪن تي به آهي. رپورٽ موجب هاڻوڪن مهينن ۾ انساني حقن جي ڪارڪنن ۽ صحافين حملن، گرفتارين، ڌمڪين ۽ موتن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا ⁎/آس/⁎ 19

اوهان جو سياست ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟ عمران خان ڪڏهن چوي ٿو ته پاڪستان ۾ چين جهڙو نظام آڻينداسين ڪڏهن چوي ٿو ته ايران جهڙو انقلاب هجڻ گهرجي ته ڪڏهن مديني جي رياست جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. هنن جون شڪلون ڏسو ۽ مديني جي رياست جون ڳالهيون ڏسو پنهنجي ڳالهين کي جاري رکندي مولانا فضل الرحمان چيو ته عمران خان جي حڪومت ٻاهرين ايجنڊا تي عمل ڪري رهي آهي تحريڪ انصاف جي حڪومت معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو ملڪ جي معيشت تباهه آهي پرڏيهي پاليسي جي ته ڳالهه ئي نه ڪريو جي يو آءِ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته عمران خان چوي ٿو ته ڪڪڙيون پاليو، آنا وڪرو ڪريو، هي چوي ٿو ته مان نڪتس ته خطرناڪ بڻجي ويندس. خان صاحب! اسان کي اوهان مان ڪوبه خطرو ناهي. اسان اوهان کي پهريان به ڪجهه ناهي سمجهيو هاڻ به ڪجهه نٿا سمجهون

بقايا ⁎/آس/⁎ 20

جي پوسٽن کي فلوٽنگ ڪرڻ جي منظوري ورتي ويندي. اجلاس ۾ نئين لهندڙ ڪڻڪ جي خريداري،مڪاني ادارن جي قانون ۾ ترميم، ڏنگي ۽ پنڊار پيٽن کي محفوظ بيلا قرار ڏيڻ سميت 12 ايجنڊائن تي غور ڪيو ويندو

بقايا ⁎/آس/⁎ 21

شماري کي چيلينج ڪيو پر حڪومت جوائنٽ سيشن نه گهرايو. مجبوري ۾ اسان ان کي مردم شماري کي سامهون رکي قانون ناهيو. سنڌس موجب گورنر قانون ۾ ترميمون ڪري اسان کي واپس ڪيون هيون. مان ايم ڪيو ايم کي چيو هو ته ڳالهين لاءِ تيار آهيون سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته لسانيت جو ٺاٺر ڏيڻ غلط آهي. ٽنڊي الهيار واقعي کي به لسانيت جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 22

، عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن ڪيچ ۽ قبائلي علائقن ۾ فورسز تي حملن جي سخت مذمت ڪندي شهيد اهلڪارن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. عالمن ۽ معززين چيو ته دشمن پاڪستان جي سلامتي ۽ استحڪام سان کيڏڻ چاهين ٿا. گڏيل اتحاد سان دشمن جون چالون ناڪام بڻايو ويندو

بقايا ⁎/آس/⁎ 23

هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اطهر من الله جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ سومر تي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي. درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته 25 جنوري 2018 جي عدالتي فيصلي تي عمل نه ڪرڻ تي نيب چيئرمين جاويد اقبال خلاف توهين عدالت جي ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 24

ان تي پ پ کي شرم اچڻ گهرجي هن چيو ته ڪاري مڪاني بل خلاف آواز اٿارڻ تي توهان کي باهه لڳي وڃي ٿي. توهان جو بل به ڪارو آهي ۽ سڄو وارو جو منهن به ڪارو آهي اسان پنهنجو آواز اٿاريندا رهنداسين سنڌس چوڻ هو ته توهان جي پوليس غير مقامي آهي. جيڪڏهن اسان کي امن عزيز نه هجي ها ته ڪنهن ماءُ جي پٽ ۾ دم نه هو احتجاجي عورتن کي هٿ لائڻ جو. اسان الياسين ته توهان 6_6 موبائلن بنا شهر ۾ نه نڪري سگهندا. فيصل سبزواري چيو ته جيڪو ڪجهه به ٿيو بلاول زرداري ۽ پوليس جي ملي ڀڳت سان ٿيو جيڪڏهن ڪنهن ۾ دم آهي ته پروٽوڪول بنا ڪراچي ۾ گهمي ڏيکاري.

بقايا ⁎/آس/⁎ 25

ته عام چونڊون وقت کان هڪ ڏينهن به اڳ نه ٿينديون. ناڪامي اپوزيشن جو مقدر آهي. اپوزيشن روڊن تي اچڻ بدران چونڊن جو انتظار ڪري. ڏکڻ پنجاب جي عوام کي وڏ کان وڏ سهولتون ڏيڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي

بقايا ⁎/آس/⁎ 26

ڳنڍي ڪري. ڪڻڪ ۽ کنڊ بحران پيدا ڪندڙن ۾ اسد عمر سڀ کان مٿي آهي. واضح رهي ته اسد عمر پنهنجي بيان ۾ سنڌ حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو هو ته ڪراچي ڪنهن کان پنڻ جي لاءِ تيار ناهي. ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو ڪراچي کي بي اختيار هلائڻ جو وقت گذري ويو. سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت نه رهندي

بقايا ⁎/آس/⁎ 27

آهي. ريسڪيو ذريعن موجب مومن پوره ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 45 ورهين جي بيگم بي بي، 30 ورهين جي روبي، هڪ ورهين جو طيب ۽ هڪ مهيني جي عنايه فوت ٿي ويا. ريسڪيو ٽيم هڪ ورهين جي ٻارڙي کي زخمي حالت ۾ ملبي مان ڪڍي ڪيس ويجهي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جي وڏي وزير عثمان بزدار واقعي جو نوٽيس وٺندي ڪمشنر لاهور کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

بقايا ⁎/آس/⁎ 28

صديقي رقم بيگن ۾ لڪائي رکي هئي. ايف آءِ اي جي ترجمان ٻڌايو ته عملي پنهنجي مسافرن جي سامان جي تلاشي دوران اها رقم ضبط ڪئي. اي ايف ايس جي ترجمان چيو آهي ته ايئرپورٽ جي عملي ڪاروائي دوران مني لانڊرنگ جي اها وڏي ڪوشش ناڪام بنائي آهي. ترجمان ٻڌايو ته ڪاروائي دوران ضبط ڪيل پرڏيهي ڪرنسي جي ماليت 12 ڪروڙ 15 لک پاڪستاني روپين کان وڌيڪ آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 29

ڳالهائيندي حريم شاهه جو چوڻ هو ته اڪائونٽس منجمد ٿيڻ بابت خبرن جي ميڊيا ذريعي خبر پئي. پاڪستان وڃي هر اداري سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هن چيو ته مني لانڊرنگ بابت وڊيو مذاق ۾ ناهيو ويو هو ۽ پنهنجي غلطي به تسليم ڪريان ٿي. خبر ناهي ايف آءِ اي کي مون سان ڪهڙو ذاتي مسئلو آهي. ايف آءِ اي کي ڪهڙو حق آهي ته هن جا ذاتي دستاويز ميڊيا کي ڏئي. جيڪڏهن اڪائونٽس منجمد ڪرڻا آهن ته ثبوت به ڏيڻا پوندا. انٽرويو دوران حريم شاهه چيو ته آئون خطرن جي کلاڙي آهيان. ڊڄڻ واري ناهيان. منهنجي آمدني قانوني ۽ رڪارڊ شفاف آهي. اسان جي ادارن جو ڪم اسان جي حفاظت ڪرڻ آهي تنگ ڪرڻ نه.

بقايا ⁎/آس/⁎ 30

ملي. تشدد ڪري روڊن تي به گهمايو ويو. ڀارتي ميڊيا جي رپورٽن موجب اهو واقعو ٻه ڏينهن اڳ پيش آيو جنهن کان پوءِ پوليس واقعي ۾ ملوث عورتن سميت 11 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ٻي پاسي عورتن بابت دهلي جي هاءِ ڪميشن ۽ دهلي جي وڏي وزير سميت ٻين اختيارين واقعي کي شرم جوڳو قرار ڏنو آهي. پوليس موجب واقعو پاڙيسرين وچ ۾ "پراڻي دشمني" جو نتيجو هو.

بقايا ⁎/آس/⁎ 31

دوران بلڊنگ جي شٽرنگ ڪري پئي ۽ ملبي هيٺان دٻجي ٺيڪيدار فوت، جڏهن ته 3 مزدور زخمي ٿي پيا. ڊفينس فيز 6 خيابان نشاط ۾ بلڊنگ جي اڏاوتي ڪم دوران پهرين ماڙ جي شٽرنگ جو ڪم جاري هو ته مبينا طور تي ٺيڪيدار جي غلط رٿابندي سبب پوري شٽرنگ ڊهي پئي. حادثي جي نتيجي ۾ بلڊنگ جو اڏاوتي ڪم ڪندڙ 12 ماڻهو دٻجي ويا. جنهن بعد امدادي ٽيمن پهچي هڪ جو لاش ڪڍي ورتو ۽ ٽن پورهيتن کي زخمي حالت ۾ ڪڍي اسپتال پهچايو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته ملبي هيٺان دٻجي فوت ٿي ويل ٺيڪيدار جي سڃاڻپ حنيف جي نالي طور ٿي آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 32

قرار ڏئي ڇڏيو ڪراچي ۾ ڪو آپريٽو مارڪيٽ بحالي تقريب کي خطاب ڪندي اسد عمر چيو ته ڪراچي ۾ جديد ٽرانسپورٽ جو نظام نه هو پر اڄ ڪراچي جا ماڻهو گرين لائن ۾ سفر ڪري رهيا آهن. لکن جي انگ ۾ ماڻهو گرين لائن ۾ سفر ڪري چڪا آهن. جيڪي پڇن ٿا تبديلي ڪٿي آهي. اهي گرين لائن ۾ سفر ڪن. هن چيو ته پرويز مشرف جي دور ۾ اسان ڪراچي ۾ ڪم ٿيندي ڏٺو ۽ هاڻي ڪراچي ۾ اوهان کي جديد ترين هلندي نظر ايندي. سرڪلر ريلوي منصوبو به وفاقي سرڪار ناهيندي. ڪراچي جا ماڻهو پاڻي جي ڦڙي جي لاءِ سڪي رهيا آهن. اسان ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. وفاقي وزير چيو ته پ پ جي نه سنڌ ۾ حڪومت نه رهندي. جيڪو ڪجهه پ پ حڪومت ڪراچي سان ڪيو. ماڻهو منافعي سوڌو واپس ڪندا. سنڌس چوڻ هو ته آدمشماري ۾ ڪراچي جي آبادي کي پورو ظاهر ناهي ڪيو ويو. سياسي پارٽين جي ڪوشش هوندي آهي ته سياست ٿئي پر مسئلا حل نه ٿين. سموريون پارٽيون اقتدار ۾ رهيون پر معاملو حل ڪنهن نه ڪيو. هاڻي بيهر آدمشماري ٿيندي. جيڪا شفاف ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته مئي ۾ آدمشماري شروع ۽ ڊسمبر 2022 ۾ نتيجا سامهون ايندا. نتيجا اهي ئي ايندا. جيڪي ڪراچي جي روڊن تي نظر اچن ٿا. ڪراچي ڪنهن کان پنڻ جي لاءِ تيار ناهي. ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو ڪراچي کي بي اختيار هلائڻ جو وقت گذري ويو.

بقايا ⁎/آس/⁎ 33

جنهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. پنڌرائيءَ موجب انجنيئرنگ يونيورسٽي مردان ۽ مئنيجمينٽ سائنسز ڪاليج سميت 17 اسڪولن کي بند ڪيو ويو آهي ضلعي انتظاميا جو چوڻ آهي ته تعليمي ادارن کي ڪورونا جي وڌيڪ پکيڙ روڪڻ لاءِ بند ڪيو ويو آهي ۽ مردان ۾ هيل تائين 42 تعليمي ادارا بند ڪيا ويا آهن

بقايا ⁎/آس/⁎ 34

آهي.سي سي پي او لاهور فياض احمد، ڊي آءِ جي ڊاڪٽر عابد. ايس ايس پي مستنصر فيروز، ايس ايس پي انويسٽيگيشن عمران ڪشور ۽ ايس پي سٽي حفيظ بگٽي سان گڏ پوليس لائنز ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي. سي سي پي او جو چوڻ هو ته صحافي حسنين شاهه جو مرڪزي جوابدار عامر بٽ ۽ ان جي ڀاءُ شاهد بٽ سان ذاتي ليتي جو تڪرار هلندڙ هو. عامر بٽ ڀاءُ سان گڏجي حسنين شاهه کي قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ۽ فرحان شاهه ذريعي شوٽرز کي گهرايو ويو هن چيو ته حسنين شاهه جي قاتلن تائين پهچي ويا آهيون. پهرين حيدر شاهه ۽ امجد پاشا کي گرفتار ڪيو ويو. جن جي نشاندهي تي مرڪزي جوابدار عامر بٽ کي حراست ۾ ورتو ويو. شاهد بٽ ۽ ٻنهي شوٽرز کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو. ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 35

65 هزار 612 اڪائونٽس کي غير اخلاقي مواد شيئر ڪرڻ تي بلاڪ ڪيو ويو پشاور هاءِ ڪورٽ ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي مواد روڪڻ جي حوالي سان داخل ڪيل درخواست تي لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو حڪم نامي ۾ عدالت قرار ڏنو ته ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي مواد سان گهڻو ڪري نوجوان نسل متاثر ٿي رهيو آهي. عدالت پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي کي ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي مواد روڪڻ جي لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. حڪم نامي ۾ چيو ويو ته غير اخلاقي مواد شيئر ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي پئي وڃي پر انهن کي سزا نٿي ملي. جنهن سبب اڪائونٽس هلائيندڙ بيهر ڀڃڪڙي ڪندا آهن عدالت ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي مواد رکندڙن خلاف ڪاروائيون جاري رکڻ جو حڪم ڏيندي پي ٽي اي کان ايندڙ ٻڌڻي تي رپورٽ طلب ڪري ورتي. عدالت ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته ٽڪ ٽاڪ تي گهڻو ڪري اڪائونٽس 15 کان 18 سالن تائين جي عمر وارن ماڻهن جا آهن. ڪيترن ئي ڪاروائيون ٿيون پر ٽڪ ٽاڪ تي مواد شيئر ڪرڻ جو سلسلو بند ناهي ٿي سگهيو

بقايا ⁎/آس/⁎ 36

موجب ڪيرالا جي حڪومت رياستي اسڪولن جي شاگردن لاءِ شروع ڪيل اسٽوڊنٽ پوليس ڪيڊٽس پروجيڪٽ ۾ شاگردياڻين جي حجاب پهرڻ ۽ سڄين ٻانهن واري قميص پهرڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. ڪيرالا جي رياست اختيارين جو چوڻ هو ته يونيفارم ۾ مذهبي علامتن کي استعمال ڪرڻ جي ڪا به گنجائش ناهي ۽ نه ئي ان جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 37

لاسن چيو ته هيڊ لائن بڏي سلولگو ته مضبوط آسٽريلوي ٽيم پاڪستان جو دورو ڪندي. آسٽريليا 2019 ۾ ايشز سيريز کٽيو، ٻاهرين ملڪ ٽيسٽ ميچ نه کيڏي. پاڪستان ٽيسٽ ڪرڪيٽ جو هڪ وڏو ملڪ آهي ۽ آسٽريليا 24 سالن کان پاڪستان جو دورو نه ڪيو هن چيو ته مون کي پاڪستان ٽيم جي ڪوچ جي حيثيت سان 2 سال پاڪستان ۾ رهڻ جو موقعو مليو. پاڪستان ۾ آسٽريليا کي گهڻي موٽ ملندي. پي ايس ايل ۽ ٻين سيريز سان پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ واپس اچي چڪي آهي. آسٽريليا کي کٽڻ ۽ هارائڻ جو سوچڻ بنا پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ کيڏڻ گهرجي. واضح رهي ته آسٽريليا کي ٽيسٽ، ون ڊي ۽ ٽي ٽوئنٽي سيريز کيڏڻ لاءِ مارچ ۾ پاڪستان اچڻو آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 38

کاتي موجب 2021 ۾ پاڪستان ۾ معمول جو گرمي پد سراسري طور 23.43 ڊگري سينٽي گريڊ آهي. موسميات کاتي جي رپورٽ موجب 2021 ۾ سالياني سراسري برسات 242.3 ملي ميٽر رڪارڊ ڪئي وئي. ڪراچي ۾ 2021 جي سالياني برسات سراسري طور 242.3 ملي ميٽر رڪارڊ ٿي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 39

ڪراچي جي سمورن مستقل رهواسين کي ساليانو صرف 16 ارب روپين ۾ صحت ڪارڊ فراهم ڪري سگهجن ٿا. صحت واري وزارت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت پروگرام ۾ شامل نه ٿي ته وفاق پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو

بقايا ⁎/آس/⁎ 40

وئي. ڪورونا وائرس وگهي 27 مريض حياتيون وڃائي ويٺا آهن جنهن کان پوءِ فوتين جو انگ 29 هزار 219 ٿي ويو پاڪستان ۾ ڪورونا جي تصديق ٿيل ڪيسز جو انگ 14 لک 10 هزار 33 ٿي ويو. نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر جي تازن انگن اکرن موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران 7 هزار 963 نوان ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن پنجاب ۾ 4 لک 74 هزار 208، سنڌ ۾ 5 لک 38 هزار 196، خيبرپختونخواهه ۾ هڪ لک 90 هزار 578، بلوچستان ۾ 34 هزار 277، گلگت بلتستان ۾ 10 هزار 604، اسلام آباد ۾ هڪ لک 25 هزار 203، جڏهن ته آزاد ڪشمير ۾ 36 هزار 967 ڪيسز رپورٽ ٿيا. ملڪ ۾ هينئر تائين 2 ڪروڙ 48 لک 93 هزار 290 مريضن جا ٽيسٽ ڪيا ويا. گذريل 24 ڪلاڪن دوران 70 هزار 389 نوان ٽيسٽ ڪيا ويا. هينئر تائين 12 لک 76 هزار 719 مريض صحتياب ٿي چڪا آهن جڏهن ته هڪ هزار 375 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. پاڪستان ۾ ڪورونا وگهي هڪ ڏينهن دوران 27 مريض فوت ٿي ويا آهن جنهن کان پوءِ موذي وائرس وگهي فوت ٿي ويلن جو انگ 29 هزار 219 ٿي ويو آهي. پنجاب ۾ 13 هزار 139، سنڌ ۾ 7 هزار 800، خيبرپختونخواهه ۾ 5 هزار 994، اسلام آباد ۾ 979، بلوچستان ۾ 367، گلگت بلتستان ۾ 188 ۽ آزاد ڪشمير ۾ 752 مريض حياتيون وڃائي ويٺا آهن.

بقايا ⁎/آس/⁎ 41

فواد چوڌري چيو ته بلوچستان ۾ تخريبي ڪاروائين پويان سازش آهي. ڪنهن به قسم جي تشدد جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته اسان کي جڏهن معيشت ملي ته ڏيوالي جي حالت ۾ هئي پر اسان ڪريل معيشت کي مضبوط ڪيو ۽ مضبوط پاڪستان جو بنياد رکيو. اڄ پاڪستان ۾ 929 وڏيون ڪمپنيون آهن سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته اپوزيشن کي سينيٽ ۾ شڪست ملي. اپوزيشن جي ڪا پاليسي ناهي آهي ايوان ۾ هڪ ۽ ٻاهر ٻي ڳالهه ڪندا آهن. اسان جا ڪي سياسي مخالف ناهن. اسان پنهنجي ووٽر کي جوابده آهيون. تنهن ڪري پي ٽي آءِ جو ووٽر اسان کي پاليسي ڊڪٽيٽ ڪندو. فواد چوڌري موجب هي ملڪ بلاول ۽ مريم جي حوالي نٿو ڪري سگهجي. وڏو عظيم ملڪ آهي ۽ قيادت لاءِ ٻئي سادا آهن. تنهن ڪري بلاول کي گهرجي ته ڪراچي جي ميئر جي چونڊ وڙهي. ٻنهي کي گهرجي ته هيٺان کان مٿي اچڻ جو سفر شروع ڪن. بلاول ۽ مريم جوڙ ناهي جو آهي پاڻ کي قومي ليڊر چون. انهن جو دارومدار مولانا فضل الرحمان جي مدرسي جي ٻارن تي هوندو آهي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 42

بحران سبب جلد واڌو آمريڪي فوجي دستا اوڀر يورپ نيٽو جي ميمبر ملڪ ۾ مقرر ڪيا ويندا جو بائيڊن واشنگٽن ۾ صحافين کي ٻڌايو ته انهن فوجين جو انگ گهڻو نه هوندو جڏهن ته هن ان بابت وڌيڪ تفصيل نه ٻڌايا. آمريڪي صدر جي حڪم تحت هلندڙ هفتي جي شروعات ۾ آمريڪا ۾ ساڍن اٺن هزارن فوجين کي اسٽينڊ باءِ تي رکيو ويو هو ته جيئن ضرورت پوڻ تي ڪين فوري طور تي روانو ڪري سگهجي يورپ ۾ بحراني صورتحال ڪانسواءِ معمول موجب 10 هزار کان وڌيڪ آمريڪي فوجي مقرر آهن جن مان تقريبن ساڍا 3 هزار جرمني ۾ موجود آهن

بقايا ⁎/آس/⁎ 43

سينيئر بيوروڪريٽ جي وفات جي تصديق سنڌس خاندان طرفان ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ته تسنيم صديقي جي عمر 82 سال هئي. سنڌس پونئرن ۾ هڪ بيواهه، ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي شامل آهن تسنيم صديقي جي جنازي نماز سڀاڻي جمعي تي مسجد طارق نيوي هائوسنگ اسڪيم ۾ ادا ڪئي ويندي

بقايا ⁎/آس/⁎ 44

۾ کيڏي وئي، جنهن ۾ محمد رضوان ٽاس کٽي اڳ ۾ بالنگ جو فيصلو ڪيو. دعوت ملڻ تي پهريان بيٽنگ ڪندي لاهور قلندرز فخر زمان جي شاندار 76 رنسن جي مدد سان مقرر اوورن ۾ 5 وڪيٽن جي نقصان تي 206 رنسون ناهيون. جواب ۾ ملتان جي اوپنرن شان مسعود ۽ محمد رضوان بهترين بيٽنگ ڪندي نه رڳو ففٽيون اسڪور ڪيون پر ٽيم کي ڪاميابيءَ جي صفا ويجهو پهچائي ڇڏيو

بقايا ⁎/آس/⁎ 45

پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي ترجمان مريم اورنگزيب پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي دور ۾ 2400 روپين ۾ ملندڙ يوريا جي بوري اڄ 10 هزار ۾ به نه پئي ملي. عمران صاحب! ياڻ جي کوٽ اصل ۾ اوهان جي ڪرپشن سبب ٿي آهي. يوريا ياڻ 1200 کان 28000 جو ٿي ويو پر عمران صاحب جا ليڪچر جاري آهن اٽو کنڊ. ايل اين جي سان به ساڳيو ڪم ڪيو ويو آهي. پهريان ڪڻڪ ۽ کنڊ جو بحران پيدا ڪيو ويو. ذخيره اندوزي ٿي. پوءِ اسمگلنگ ٿي ۽ هاڻ مهانگي اگهن تي به قوم اٽي ۽ کنڊ کان محروم رهي. مريم اورنگزيب چيو ته ڪڏهن اٽو. ڪڏهن ڪڻڪ. ڪڏهن دوائون. ڪڏهن ايل اين جي ۽ هاڻ ياڻ عمران مافيا هڪ ئي طريقي سان هر ڀيري ڌاڙو هڻندو آهي. عمران مافيا جي ڪرپشن جي بازار گرم آهي هاري ڏڪا کائي رهيا آهن هارين کي فقير بڻايو ويو آهي. پنجاب ۾ ياڻ جي بحران جو ذميوار عمران خان آهي. ياڻ هارين کي وقت تي نه ملي سگهيو ته ڪڻڪ جي پيداوار ڪيئن پوري ٿيندي.؟

بقايا ⁎/آس/⁎ 46

عمران خان پاڪستان کي به ڪرپشن جو ورلڊ چيمپين بڻائي ڇڏيو آهي احسن اقبال چيو ته وزيراعظم جنهن به شيءِ جو نوٽيس وٺندو آهي ان جو بيڙو ٻڏي ويندو آهي. پهريان معيشت 6 سيڪڙو تي هئي پر ان جي ڌيان سان ٻڏي ٿي وئي. سي پيڪ ۾ 29 ارب ڊالر جي سرمائيڪاري ٿي. هن چيو ته عمران خان جي حڪومت ۾ هڪ به نئون منصوبو ناهي لڳايو ويو ۽ مسلم ليگ(ن) مٿان لڳايل ڪرپشن جي الزامن جو هڪ به ثبوت پيش ناهي ڪيو ويو. عمران خان جي حڪومت ۾ هر سال ڪرپشن ۾ واڌ ٿي.

بقايا ⁎/آس/⁎ 47

ڇو داخل ڪرائي؟ وڪيل چيو ته ڪتن کي ماريو پيو وڃي. نسل ڪشي روڪڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي آهي. چيف جسٽس ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته رولو ڪتن جيڪو ماڻهن جو حال ڪيو آهي توهان اهو ڏٺو؟ عدالت وڪيل کي بار بار نوٽيس وٺڻ واري ڳالهه تي ڪيس چند ته پئي. بعد ۾ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪندي سمورن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي رولو ڪتن خلاف ڪاروائي بابت سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته انهن رپورٽن جي روشني ۾ مڪاني ادارن وارو سيڪريٽري سڄو معاملو ڏسندو. واضح رهي ته عدالت صوبي ۾ ڪتن جي چڪڻ جي واقعن کي روڪڻ جو حڪم ڏنو هو

ڪي اين شاهه ۾ اسد جسڪاڻي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ايس ٽي پي پاران مظاهرو

پارٽي اڳواڻن فقير علي حسن جانوري، سڪندر ڪوڪر، عزيز جمالي، منير عباسي، جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسد جسڪاڻي ايس ٽي پي جو مرڪزي اڳواڻ آهي، ان تي پولو خانزادي جي دهشتگردن ڪورٽ اندر حملو ڪيو: مظاهرين

اسد جسڪاڻي تي ٿيل حملي جي ايف آءِ آر ڪاٽي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ڪي اين شاهه: اسد جسڪاڻي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ايس ٽي پي طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ) خيرپور ناٿن شاهه ۾ اسد جسڪاڻي تي حملو ڪندڙ دهشتگردن تي ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ خلاف سٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري اير ڪيو اير خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي اير ڪيو اير ۽ زرداري مافيا بنيءَ هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. تفصيل موجب: خيرپور ناٿن شاهه اسد جسڪاڻي تي حملو ڪندڙ دهشتگردن تي ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ خلاف پارٽي اڳواڻن فقير علي حسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

حيدرآباد ۾ ٻ ڀ اڳواڻ لڪا ڏنو گوپانگ جا 2 پٽ روڊ حادثي ۾ فوت

حادثي سبب ٻه سڳا ڀائر حسنين گوپانگ ۽ حنين گوپانگ ٽڪڙي تي فوت ٿي ويا

ٻنهي معصوم ۽ گلن جهڙن ڀائرن جا مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، علائقي ۾ سوڳ

حيدرآباد: ٻ ڀ اڳواڻ لڪا ڏنو گوپانگ جي فوت ٿي ويل ٻٽ جي حياتي جي فوٽو

حيدرآباد (ڊسٽرڪٽ رپورٽر مظهر علي جمالي) حيدرآباد پريس 3 پي ايس 61 جي ٻ ڀ اڳواڻ لڪا ڏنو گوپانگ جا 2 پٽ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويا علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانئجي وئي ٻنهي معصوم ۽ گلن جهڙن ڀائرن جا مڙهه گهر پهچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪنڊڪوٽ ۾ وياج خورن ماڻهن کي ڪنگال ڪري ڇڏيو

ايس پي امجد احمد شيخ پاران وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو حڪم

وياج خورن خلاف ڪارروائي ڪري غريب شهرين کي بچايو وڃي: رهواسي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر عبدالجبار) وياج خورن ماڻهن کي ڪنگال ڪري ڇڏيو ايس ايس پي ڪشمور امجد احمد شيخ پاران وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. تفصيل موجب وياج خورن جون لسٽون طلب ڪري بابت ڪاوش ۾ شايع ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

گمبٽ جي ايس ايڇ او کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري

3 فيبروري ايڊيشنل ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڪيو ويو

ايس ايڇ او مٿان ڪورٽ سڪوري ڪيس ڪرڻ جو حڪم ڏنو

گمبٽ (رپورٽ احسان علي چانڊيو) گمبٽ جي ايس ايڇ او کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري، 3 فيبروري ايڊيشنل ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم. خبر موجب گمبٽ جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ايس ايڇ او عبدالجبار ميمڻ کي توهين عدالت جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين ملازمن لاءِ رهائشي فليٽن کي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو

بورڊ ۾ صرف 3 رهائشي ڪوارٽر ٺهيل آهن، جيڪي زبون حالي جو شڪار آهن: مخدوم سعيد الزمان

ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ کان تيار ڪرائي سرڪاري رٿي آهي: خطاب PC.I سرڪار کي اماڻي

ڄامشورو (ب ر) سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن لاءِ رهائشي عمارت "ڪليٽن" جي پيڙهه جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين ملازمن لاءِ رهائشي فليٽن جي پيڙهه جو پٿر رکي دعا گهري پئي وڃي

نوشهروفيروز جي مختلف علائقن ۾ گندو پاڻي بيهجي ويو، روڊ ٻڏي ويا، شهري سراپا احتجاج

مختلف علائقن اسٽيشن روڊ، سيد اسماعيل شاهه جي درگاهه، الله وارو چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ گندو پاڻي بيٺل

گندي پاڻي جي تلائن جو ڍيڪ ڏئي رهيا آهن شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن: رهواسي

نوٽيس وٺي شهر مان گندو پاڻي نيڪال ڪري صفائي ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ شهري سخت احتجاج ڪندا سين

نوشهروفيروز: مختلف علائقن ۾ گندو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

نوشهروفيروز (ب ر) شهر جي مختلف علائقن ۾ گندو پاڻي بيهجي ويو، روڊ پاڻي ۾ ٻڏي ويا، شهري سراپا احتجاج، خبر موجب نوشهروفيروز جي مختلف علائقن اسٽيشن روڊ، سيد اسماعيل شاهه جي درگاهه، الله وارو چوڪ، انصاف چوڪ سميت مختلف علائقن ۾ گٽر جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري بيهجي ويو آهي جنهن ڪري علائقا گندي پاڻي جي تلائن جو ڍيڪ ڏئي رهيا آهن شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيائيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ والدين جي ڏهاڙي جي سلور جوبلي جي تقريب

ايڊمرل ميان ذاڪر الله جان، ايم پي اي جام شبير علي سميت ٻين اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

صوبائي حڪومت پاران تعليم سميت ٻين شعبن ۾ ترقي لاءِ خصوصي ترجهه ڏنو پيو وڃي: مقرر

ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ والدين جي ڏهاڙي جي سلور جوبلي جي تقريب جو ڏيک

سانگهڙ (رپورٽ عبدالجبار نظاماڻي) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ 25هين والدين جي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ريٽائرڊ ايڊمرل هلال امتياز ملٽري ڪمانڊر ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

چوٽياريون پريس ڪلب جي سال 2022 جي باڊي جي چونڊ

سرپرست اعليٰ سينئر صحافي محمد ياسين جوڻيجو صدر علي اڪبر جوڻيجو سينئر نائب صدر منتخب

ورڪنگ ڪاميٽي جا ميمبر نذير لغاري شاهنواز ڪنڀر ميان سانول ڪيريو وفا جانوري ۽ ٻين کي منتخب ڪيو ويو

سانگهڙ (رپورٽ عبدالجبار نظاماڻي) چوٽياريون پريس ڪلب جي سال 2022 جي باڊي جي چونڊ ٿي گذري سينئر صحافين محمد حيات خاصخيلي سيد علي غلام شاهه ۽ محمد ياسين جوڻيجو جي زير نگراني ٿيل چونڊ ۾ بلامقابلہ سرپرست اعليٰ سينئر صحافي محمد ياسين جوڻيجو صدر علي اڪبر جوڻيجو سينئر نائب صدر محمد حيات خاصخيلي نائب صدر غلام رسول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سانگهڙ: چوٽياريون پريس ڪلب جي سال 2022 جي باڊي جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪئي پئي وڃي

ڪي اين شاهه ۾ ڪراچي واسي پوڙهيت اڳوٽي زال جي زيادتين خلاف احتجاج

اڳوٽي گهرواري شهناز ۽ سندس گهرن مون مٿان ڪوڙو الزام هڻي ڪيس داخل ڪرايو آهي: محمد رمضان

ٻانهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر) خيرپور ناٿن شاهه ڪراچي واسي پوڙهيت محمد رمضان راڄنهالي ٻنهنجي صحافين آڏو سابقه زال شهناز جي زيادتين خلاف سٽي پريس ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي پوڙهيت محمد رمضان راڄنهالي سان منهنجي شادي کي 35 سال گذري چڪا آهن جنهن مان 6 ٻار ٻه آهن شهناز راڄنهالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪي اين شاهه: ڪراچي واسي پوڙهيت اڳوٽي زال جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

سڄاول سول اسپتال ۾ ايم ايس ڊاڪٽر

بشير سولنگي جي نگراني ۾ عوام کي

سهولتون ملڻ لڳيون

سڄاول (ب ر) سول اسپتال سڄاول ۾ ايم ايس ڊاڪٽر بشير سولنگي جي نگراني ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن تفصيل موجب شهري سڄاول جي سڀ کان وڏي سول اسپتال جيڪا هن وقت بهترين مرڪز حوالي ٿيل هرڪ ان وقت /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر10

دادلغاري پرسان پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران مظاهرو، نعريبازي

ڳوٺ قاسم پتافي جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاجي مظاهرو ڪيو

گذريل پندرهن سالن کان اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ سبب ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي: ڳوٺاڻن جون ڏانهون

تعليم کاتي جي آفيسرن کي شڪايتون ڪرڻ بعد استاد نٿو ڏنو وڃي، نوٽيس وٺي ٻارن جي تعليم بچائي وڃي: مطالبو

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) دادلغاري جي ڳوٺ قاسم پتافي جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاج گذريل پندرهن سالن کان اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ سبب ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

راڻيپور: ايريگيشن جي نااهلي جا قصا جڳ مشهور ٿيڻ لڳا

جوڻا مائينر کي هٽ سان بند ڪري پڇڙي جي آبادگارن کي ڪاهاري ڏک هڻي ڪڍيو

جيڪڏهن پاڻي نه پهتو ته فصل تباهه ٿي ويندا، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن: آبادگار

راڻيپور (رپورٽر سيد زوار شاهه) ايريگيشن جي نااهلي جا قصا جڳ مشهور ٿيڻ لڳا، علي بحر مان نڪرندڙ جوڻا مائينر کي هٽ سان بند ڪري پڇڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

خيرپور ۾ سنڌ سيد قائم علي شاهه ۽ نفيس شاهه پاران تعزيتون

تاجران جي اڳواڻ حاجي لالا عبدالغفار شيخ سان سهري جي وفات تي تعزيت ڪئي

صدر صرافه ايسوسيئيشن صدر الطاف ميمڻ عبدالفهيم شيخ ۽ ٻيا ٻڻ موجود هئا

خيرپور (رپورٽ راڻجهن شيخ) پاڪستان پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ميهڙ ۾ سڳا پاران 20 هين مفت اکين جي 2 روزا ڪئمپ قائم

جلد ڇمڙي جي بيمارين جي ڪيمپ به هنئين ويندي: فياض علي ڀٽ

انسانيت جي خدمت تي يقين رکون ٿا ڪيمپ جو افتتاح تي خوشي آهي

ميهڙ (رپورٽر) سڳا ميهڙ شاخ پاران سيلاني ويلفيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

تلهار ۾ ٻ ڀ ايم اين اي غلام علي ٽالپر پاران سرڪاري اسپتال ۽ اسڪول جا دورا

رورل هيلٿ سينٽر جي ايم ايس ڊاڪٽر عظمه شاهه بخاري کان سرڪاري اسپتال ۾ ڪوٽ بابت تفصيل ورتا

ڊاڪٽر عظمه شاهه پاران رورل هيلٿ سينٽر تلهار لاءِ ايمرجنسي لاءِ نئين ايمبولينس جي گهر ڪئي وئي

تلهار (رپورٽر) ٻ ڀ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر جو ٻ ڀ تعلقي قيادت سان گڏ تلهار جي سرڪاري اسپتال جو دورو ۽ ڳوٺ دريا خان جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سڄاول سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر آصف طاهراڻي ڪئمپ لڳائي آپريشن ڪري ڇڏيو

نوجوان جو آڱريون ڪٽيل هئيون جنهن جو آپريشن ڪرڻ ضروري هو: ڊاڪٽر آصف طاهراڻي

انسان عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ ويٺا آهيون جيڪي مريض ايندا انهن جو علاج ڪندا سين

سڄاول (عتيق الرحمان ڪنري) سڄاول جي سول اسپتال ۾ ايم اين /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر16

اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي بدلي

سندس جاءِ تي راجيش ڪمار مقرر، شهرين جو مظاهرو، بدلي ورڪن جي گهر

اي سي شاهنواز ميراڻي کي ساڳئي تعلقي ۾ بيهر بحال ڪيو وڃي: مظاهرين

رانيپور (رپورٽر) تعلقي سوڀوديرو جو مهمين ۾ فرض /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

رانيپور: خيرپور ضلعي جي پريس ڪلبن مان نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

جيڪڏهن ڪو صحافي پنهنجي ضمير جو سودو ڪري چند ڏوڪڙن تي پوڙار اڳيان وڪامجي وڃي ته انتهائي ڏکائيندڙ ڳالهه آهي: مقرر

هن وقت صحافين پنهنجو مورال ڪيرائي وڌو آهي، هاڻ به موقعو آهي ته ٻنان ڪنهن لالچ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن

قلم ذريعي مظلوم ماڻهن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائي سندن سان ٿيل ناانصافين کي ٽوار ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا سين

رانيپور (رپورٽر سيد زوار شاهه) خيرپور ضلعي جي مان ۾ سينيئر صحافي حنگوريا پريس ڪلب پاران تاريخي آجياڻو جي سب جونڊيل عهديدار مرتي داتا آهن، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ اهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

رانيپور: خيرپور ضلعي جي پريس ڪلبن مان نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ ڪيل آجياڻي جو ڏيک

جنگشاهي پرسان وِنڊ پراجيڪٽ مان

چوري جي ڪوشش، مزاحمت تي

سيڪيورٽي گارڊ زخمي

ٺٽو (ب ر) جنگشاهي ويجهو ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ونڊ ڪمپني ۾ گذريل رات ڌير سان نامعلوم چورن پاران چوري جي آراڌي سان ونڊ پراجيڪٽ ۾ داخل ٿيڻ تي سيڪيورٽي گارڊن ۽ چورن ۾ فائرنگ ٿيڻ جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ ڪري سيڪيورٽي گارڊ سهيل پٺاڻ سخت زخمي ٿي پيو ۽ چور موقعي تان فرار ٿي ويا، زخمي کي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 04

خانپورمهر سڪر بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحاني فارم فيس ۾ واڌ خلاف مظاهرو

خانپورمهر (رپورٽر) خانپورمهر سڪر بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحاني فارم فيس ۾ واڌ، خانپورمهر وڏي تعداد ۾ شاگرد روڊن تي اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ميهڙ ۾ سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح کي انصاف نه مليو، احتجاج جاري

ٻااثر جوابدارن ڪرنڙي ۾ منهنجي پاءِ جي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: انور ملاح

پلاٽ تان قبضو فوري طور ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ميهڙ (رپورٽر) سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جي احتجاج کي 12 ڏينهن مڪمل ٿي ويا سندس کي اڃا تائين انصاف نه ملي سگهيو ٻااثر جو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 01

سڄاول ۾ ايس ايڇ او پاران احساس ڪفالت سينٽر جو اچانڪ دورو

ايڇ او سڄاول اياز حسين ميمڻ جي دوري دوران مقامي ايجنٽن ۾ ٽرٽلو مچي ويو

ڪوبه ڊرائس هولڊر وظيفي جي رقم مان ڪٽوتي ڪندو ته گرفتار ڪيو ويندو: ڳالهيون

سڄاول (ب ر) ايس ايڇ او سڄاول اياز حسين ميمڻ جو سڄاول ۾ قائم احساس ڪفالت سينٽر جو اچانڪ دورو ايجنٽن جون ڊوڙون لڳي ويون ڪوبه ڊرائس /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 03

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ساليانى 2022-23 جي چونڊ

جڳ پرڪاش موراڻي صدر ۽ جاني خاصخيلي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا

رمضان شورو سينيئر نائب صدر، ملڪ محمد الياس نائب صدر، جاويد سومرو جوائنٽ سيڪريٽري ون منتخب

آصف ميمڻ، مقصود جوکيو، فرمان علي هلال، زاهد ڪلهوڙو ۽ پون ڪمار کي به بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو

حيدرآباد (ڊسٽرڪٽ رپورٽر مظهر علي جمالي) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ساليانى 2022_23 جي چونڊ، جڳ پرڪاش موراڻي صدر ۽ جاني خاصخيلي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي بنا مقابلي ڪامياب. ان سلسلي ۾ ايچ يو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد ۾ 24 ڪلاڪن

دوران نوان 30 ڪورونا جا

ڪيس سامهون آيا

حيدرآباد (ڊسٽرڪٽ رپورٽر مظهر علي جمالي) حيدرآباد ۾ 24 ڪلاڪن دوران نوان 30 ڪورونا جا ڪيس سامهون آيا آهن صحت کاتي موجب ڪورونا وائرس جا نوان ڪيس سامهون آيا آهن حيدرآباد جي انتظاميا عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ماسڪ جو استعمال ڪيو ۽ ايس او پيز تي مڪمل عمل ڪيو وڃي ويڪسينشن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 02

حيدرآباد: يونين آف جرنلسٽس جي ساليانى 2022_23 جي چونڊ دوران گروپ فوٽو

ٽلهار ۾ پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪندڙ وياج خورن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي

پاڻ جي هترادو ڪوٽ برقرار، آبادگار مهنگي قيمت تي مجبورن پاڻ خريد ڪرڻ لڳا

انتظاميه وقت سر منافعي خورن ۽ وياج خورن خلاف ڪا ڪارروائي ناهي ڪئي: آبادگار

ٽلهار (رپورٽر) پاڻ جي هترادو ڪوٽ برقرار، ٽلهار ۾ پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪندڙ وياج خورن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي، آبادگار مهنگي قيمت تي مجبورن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 05

ٽلهار: پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪندڙ وياج خورن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پريا سٽي ۾ قتل ٿيل نوجوان جي جنازو نماز ادا، وارثن پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ڳوٺ داد محمد بروهي ۾ قتل ٿيل قربان بروهي جي پوليس واقعي بعد مقامي پيرين کان پيرا ڪٽايا ويا

قتل واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري پئي، هٿيارٻند نه ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو آهي: پوليس

وڪيل لياقت بروهي جي پاءِ قربان بروهي کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي انصاف ڏياريو وڃي: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽر) پرياسٽي ويجهو گذريل رات ڦر دوران مزاحمت تي گولين لڳڻ سبب قتل ٿيل نوجوان جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ ۾ ڪئي وئي وڪيلن ۽ وارثن جو قاتلن جي گرفتاري ۽ پريا ۾ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 06

سکر ۾ دنيا جي پهرين لکيل ناول گينجي جي ڪهاڻي جي مطالعاتي نشست ڪرائي وئي

هن ناول جو اردو ۾ ترجمون اچڻ خوشي جي ڳالهه آهي ناول جو خرم سهيل محنت سان ترجمون ڪيو آهي: ادل سومرو

دنيا جون باشعور قومون هميشه ڪتابن کي اهميت ڏينديون آهن، هن ڪتاب جي ترجمي لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پئي

گينجي جي ڪهاڻي دنيا جي پهرين ناول جاپاني جي ادب بابت بهترين ناول آهي، خرم سهيل جي ان تي تحقيق شاندار آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ڪلچرل ڪامپليڪس جي ڊاڪٽر تنوير عباسي هال ۾ پاڪستان جاپان لٽريچر فورم طرفان دنيا جي پهرين لکيل ناول گينجي جي ڪهاڻي جي مطالعاتي نشست ڪرائي وئي، خاص مهمان طور /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 07

دادو جي نئين آئل ايس ايس پي پوٽو نه ٻاريو، جوهي ۾ ٻن ڏينهن اندر 10 موٽرسائيڪلون ڦر

جوهي ۾ ٻن ڏينهن اندر ڪاڇي جي صحافي امان برهماڻي جي پاءِ سميت ڏهه کان وڌيڪ گاڏيون ڦرجي ويون، شهري پريشان

ڪاڇي سميت جوهي تعلقي ۾ ڦورن رڻ ٻاري ڏنو، چوريون، ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن، انتظاميه خاموش آهي: مظاهرين

بدامني جو نوٽيس وٺي صحافي امان برهماڻي جي پاءِ کان ڦريل گاڏي واپس ڪرائي سندس سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

جوهي (ب ر سنڌيار) جوهي: نئين آئل ايس ايس پي عرفان سمون ۾ پوٽو نه ٻاريو ونگ ايس ايس پي دادو کي ڦورن جي سلامي 2 ٻن ڏينهن اندر جوهي تعلقي ۾ صحافي جي پاءِ سميت 10 کان وڌيڪ موٽر سائيڪل ڦرجي ويون صحافين پاران جوهي پريس ڪلب اڳيان احتجاج خبر موجب جوهي تعلقي اندر ڦورن رڻ ٻاري ڏنو ٻن ڏينهن اندر /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 10

جوهي: شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپور ماٿيلو ۾ سيپڪو جي ملي ڀڳت سان غيرقانوني ڪنيڪشن هلڻ لڳا

ڪنڊ پرائيويٽ ملازم اعجاز سومرو پاران هر مهيني ڀتو اوڳاڙي ڪرڻ جو انڪشاف

معاملي جو نوٽيس وٺي سيپڪو جي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: سجاڳ ڏيرون

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) سيپڪو ميرپور ماٿيلو جي آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب پنائي ڪالوني ميرپور ماٿيلو سميت مختلف علائقن ۾ پنج سو کان هڪ هزار روپين جي ڀتي عيوض سوين غير قانوني ڪنيڪشن هلڻ لڳا سيپڪو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون غير فعال بڻيل

مسلسل مهينن کان شهر جي مختلف محلن ۾ پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ سبب شهري سخت پريشان

عبدالحميد ڀيهر، عبدالرزاق ڪابورو، علي بخش گوپانگ، لقمان ڀيهر، محمد ڀيهر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واٽر سپلاءِ اسڪيمن کي فعال بڻائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ڊي آفيس سامهون سخت احتجاج ڪيو ويندو: مظاهرين

دادو (رپورٽر) پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب دادو شهر اندر واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون غير فعال بڻيل، مسلسل مهينن کان شهر جي مختلف محلن ۾ پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ سبب شهري سخت پريشان، پبلڪ هيلٿ انجنيئر خلاف احتجاجي مظاهرو، سخت نعري بازي، مظاهرين عبدالحميد ڀيهر عبدالرزاق ڪابورو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 08

دادو: پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون غير فعال هئڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه پرسان ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ قائم

ڳوٺ مريد لاڪير ۾ ٽي بي جي چڪاس لاءِ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي

طبي ڪئمپ ۾ آيل ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف کي سنڌ جي ثقافت ٽوپي ۽ اجرڪ پارايا ويا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۽ برڇ ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن ايڊو مرسي ڪاريس گلوبل فنڊ طرفان ڳوٺ مريد لاڪير ۾ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 15

ڪي اين شاهه: ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ جو ڏيک

پٽ شاهه پوليس جي ڪارروائي، ٽرانسفارمر چوري ڪندڙ گروهه گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ نانو بنگش پٺاڻ، نور خان بنگش پٺاڻ، فرمان ڪوڪر ۽ خدابخش شر شامل

ڪارروائي دوران گرفتار جوابدارن وٽان چوري ٿيل سامان به هٿ ڪيو آهي: پوليس ترجمان

مٽياري (رپورٽر) پٽ شاهه پوليس ڪارروائي ڪري ٽرانسفارمر چوري ڪندڙ چورن جي سرگرم گروهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گروهه جا 4 جوابدار چوري ٿيل ٽرانسفارمر ڪوائل رڪشو موٽر ۽ اوزارن سميت گرفتار ڪيا ويا آهن. گرفتار جوابدارن ۾ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 11

پٽ شاهه: پوليس جي ڪارروائي دوران ٽرانسفارمر چوري ڪندڙ گروهه گرفتار بعد ميڊيا آڏو پيش ڪيو پيو وڃي

سڄاول ۾ پيرسن جو استاد پاران شاگردياڻي کي اغوا ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاج

استاد احمد خان جمالي تعليم ڏيڻ جي بجائي منهنجي نياڻي کي ميڻ گهرڻ اغوا ڪري ويو آهي: پيرسن

ٻااثر استاد مائٽن کان ٻرگاٽي تشدد ڪري زبردستي ٻيهار جي پرچي لاءِ راضي ڪرايو ويو آهي: احسان ميمڻ

سڄاول (رپورٽر) سڄاول ۾ ٽي سهيڻا اڳ استاد پاران پنهنجي شاگردياڻي کي اغوا ڪرڻ واري واقعي خلاف نياڻي مسڪان جو پيءُ احسان ميمڻ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 12

سڄاول: پيرسن جو استاد پاران شاگردياڻي کي اغوا ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاج ڪندي

جهنگلي جانور سوئر کي مارڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ جو ايس ايس پي بدين نوٽيس وٺي ڇڏيو

ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ واقعي جو نوٽيس وٺندي واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو

ايڇ او ٽنڊو سب انسپيڪٽر مير محمد ڳاڏهي واقعي واري جاءِ جو معائنو ڪرڻ بعد جاچ شروع ڪري ڇڏي

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽنڊو پرسان جهنگلي جانور سوئر کي مارڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ جو ايس ايس پي بدين نوٽيس وٺي ڇڏيو، ٽنڊو پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتي تفصيل موجب گذريل ڏينهن جهنگلي جانور سوئر کي مارڻ واري ويڊيو سوشل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

ٽلهار ۾ ايم پي اي تنزيلا قنبراڻي ۽ ايم پي اي مير الهه بخش ٽالپر پاران تعزيتون

ٻنهي اڳواڻن بينڪ مينيجر جان محمد ڪٽي ۽ پوليس اهلڪار اظهر حسين جتوئي جي وارثن سان تعزيت ڪئي

مير وسيم ٽالپر جي وارثن سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو، مير عمران ٽالپر، پير محفوظ ۽ ٻيا موجود هئا

ٽلهار (رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خاص ۽ ٻ ڀ ايم پي اي تنزيلا قنبراڻي ۽ ٻ ڀ ايم پي اي مير الهه بخش ٽالپر جو الڳ الڳ وفد گذريل ڏينهن ڪار ۽ ٽرڪ جي حادثي ۾ اجل جو شڪار ٿيندڙ مالڪي جي نجي بينڪ مينيجر جان محمد /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 13